روزاني
سنڌيار
ڪراچي

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Reg No 2677

ABC Certified

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد: 11 | آچر 18 ڊسمبر 2022ع بمطابق 23 جمادي الاول 1444ھ | شمارو 65 | قيمت 10 رپيا

پاڪستان لاءِ ڏکيو وقت آهي، پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪريون پيا: بلاول ڀٽو

معاشي طور پاڪستان لاءِ ڏکيو وقت آهي پر اسان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون: پ پ چيئرمين

اسان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ کان متاثر ماڻهن جو آواز پهچايو آهي، دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيندڙن جا شڪر گذار آهيون

جن ملڪن پاڪستان جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي، اسان ان جو شڪار آهيون: پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين

اسان جي پوري قوم دهشتگردي خلاف متحد آهي. نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد ۾ ماضي ۾ جيڪي خاميون ٿيون اهي هاڻي نه ٿينديون

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اسان جي حڪومتي اتحاد دهشتگردي خلاف جنگ لاءِ پرعزم آهي، معاشي طور تي پاڪستان لاءِ ڏکيو وقت آهي

وزيراعظم جي معاشي ٽيم ان چيلينج کي منهن ڏئي رهي آهي، دنيا ڏسي رهي آهي ته اسان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

نيويارڪ (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته معاشي طور پاڪستان لاءِ ڏکيو وقت آهي پر اسان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون آمريڪي ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ کان متاثر ماڻهن جو آواز پهچايو آهي، دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيندڙن جا شڪر گذار آهيون ۽ جن ملڪن پاڪستان جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي، اسان ان جو شڪار آهيون، دهشتگردي، دهشت گردي جا مرتڪب نه. اسان جي پوري قوم دهشتگردي خلاف متحد آهي، پرڏيهي وزير چيو ته نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد ۾ ماضي ۾ جيڪي خاميون ٿيون اهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نوجوانن کي تعليم ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي: وڏو وزير

ڪانووڪيشن ۾ 8 شاگردن فيڪلٽي ٽاپ 8 شاگردن ۽ شاگردياڻين بيسٽ گريجوئيٽس ۽ هڪڙي شاگرديائي کي ڪيمپس ٽاپ ڪرڻ تي گولڊ ميڊل پارايا ويا

گولڊ ميڊل کٽڻ جي مقابلي ۾ ڇوڪرين ڇوڪرن کي مات ڏئي ڇڏي، ڪيميڪل انجنيئرنگ شعبي جي مس اروبا سليم ميمڻ ٻه گولڊ ميڊل ۽ هڪڙو سلور ميڊل پائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو

اسيمبليون ٽوڙڻ جو اختيار وزيراعلي' وٽ هوندو آهي، پر اسيمبلي ٽوڙڻ جو ڪو خاص ۽ مناسب سبب هجڻ گهرجي، اسيمبليون ڪنهن جي خواهش يا انا لاءِ ٽوڙي نه ٿيون سگهجن

اهڙي انا ان شخص جي آهي جنهن کي آئيني طور گهر پيڙو ڪيو ويو آهي، سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، اسان ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي سامان اماڻيو آهي

ان ۾ گهٽ وڌائي ٿي سگهي ٿي، مون کي خيرپورناٿن شاهه ۾ ماڻهن چيو ته اسان کي ڪجهه ناهي مليو، پر جڏهن ڊپٽي ڪمشنر آيو ته انهن ئي ماڻهن چيو ته اسان کي سامان مليو آهي

ٻوڏ متاثرن علائقن مان ڪافي حد تائين پاڻي نيڪال ٿي چڪو آهي، باقي پاڻي نيڪال ٿيندي ئي ايندڙ مهيني کان گهرن جي اڏاوت شروع ڪرائينداسين: وڏو وزير

ڄامشورو (رپورٽر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو 26هون ڪانووڪيشن مهراڻ يونيورسٽي جي مڪ آڊيٽوريم ۾ ٿي نشستن ۾ ٿي گذريو ڪانووڪيشن جي باضابطه ڪارروائي جو اعلان مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار لڇمڻ داس سونهڙ ڪيو ڪانووڪيشن جي صدارت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪئي ڪانووڪيشن ۾ ڪل 987 شاگردن ۽ شاگردياڻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي اجلاس کي خطاب ڪندي

عمران خان جو 23 ڊسمبر تي پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان

قومي اسيمبلي ۾ اسپيڪر سامهون بيهي استعيفيٰ منظور ڪرڻ جو چونداسين، خوف آهي ته شفاف چونڊون نه ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ ٻڏي ويندو

50 سالن ۾ اڄ سڀ کان وڌيڪ مهانگائي آهي، 30 سالن کان جيڪي ملڪ لٽي رهيا هئا انهن کي مٿان ويهاريو ويو

حڪومت ڪيرائڻ جو هڪ شخص ذميوار آهي، اهو جنرل (ر) قمر جاويد باجوا آهي، هو آرمي چيف هو، تڏهن ان خلاف نه ڳالهائيندو هيس

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان اعلان ڪيو آهي ته 23 ڊسمبر تي پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه اسيمبليون ٽوڙينداسين ۽ قومي اسيمبلي ۾ اسپيڪر سامهون بيهي استعيفيٰ منظور ڪرڻ جو چونداسين. لبرٽي چوڪ تي جلسي سان وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي عمران خان چيو ته خوف آهي ته شفاف چونڊون نه ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ ٻڏي ويندو. 50 سالن ۾ اڄ سڀ کان وڌيڪ مهانگائي آهي. 30 سالن کان جيڪي ملڪ لٽي رهيا هئا انهن کي مٿان ويهاريو ويو، چورن جو ٽولو ملڪ تباهه ڪري رهيو آهي. هن چيو منهنجو سوال آهي ته رحيم چينج جو ذميوار ڪير آهي؟ جڏهن معيشت مٿي وڃي رهي هئي ته چورن کي ڪنهن ويهاريو؟ انهن وٽ ڪورود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پنجاب جي وڏي وزير ۽ اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ آڻڻ جو فيصلو

مسلم ليگ (ن) طرفان اڄ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي ۽ اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ پنجاب اسيمبلي ۾ جمع ڪرائڻ جو امڪان آهي

ليگي قيادت وڏي وزير ۽ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سردار سبطين خلاف بي اعتمادي رٽ جمع ڪرائڻ جو گرين سگنل ڏئي ڇڏيو آهي

ليگي ميمبرن صحيحون ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن کي تعليم جي اڳوڻي وزير راڻا مشهود احمد خان جي آفيس ۾ گڏ ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان طرفان پنجاب اسيمبلي کي امڪاني ٽوڙڻ خلاف (ن) ليگ منصوبو تيار ڪري ورتو. مسلم ليگ (ن) پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙڻ جي لاءِ حڪمت عملي تيار ڪري ورتي. پارٽي ذريعن موجب مسلم ليگ (ن) طرفان اڄ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي ۽ اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ پنجاب اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

چين جنگ جي تياري پيو ڪري ۽ ڀارتي حڪومت ننڊ ۾ آهي: راهول گانڌي

ڀارت جوڙو ياترا جي موقعي تي راهول گانڌي تازو لائن آف ايڪچوئل تي ڀارتي ۽ چيني فوج جي جهڙپ کي ڏسندي اها ڳالهه ڪئي

ڀارت جنگ جي خطرن کي نظرانداز ڪري رهيو آهي، چين جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي ۽ ڀارتي حڪومت ان خطري کي نظرانداز ڪري ننڊ ۾ آهي

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي ڪانگريس اڳواڻ راهول گانڌي چيو آهي ته چين جنگ جون تياريون ڪري رهيو آهي ۽ ڀارتي حڪومت ننڊ ۾ آهي. ڀارتي ميڊيا موجب ڀارت جوڙو ياترا جي موقعي تي راهول گانڌي تازو لائن آف ايڪچوئل تي ڀارتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بلاول زرداري عالمي فورمن تي انصاف جي لاءِ اثرائتي وڪالت ڪئي: شازيا عطا مري

اها ڪاميابي پاڪستان جي نه پر پوري دنيا ۾ موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ٿيل ملڪن جي ڪاميابي آهي، جنهن کي دنيا تسليم ڪيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري نفرت آميز پروپيگنڊا جو جواب ڏنو آهي، اسان چاهيون ٿا ته ڪيئن جواب ڏنو وڃي، پاڪستان ڇمات جو جواب ٻئي ڳل تي ڇمات سان ڏيندو

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پاڙيسرين سان بهتر لاڳاپن جي ڳالهه ڪئي آهي، جنهن ڪري پاڪستان اندر اسان تي تنقيد ڪئي وئي: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سڄي پوري پاڪستان ۾ ضلعي سطح تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي موقف جي حمايت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ ريليون ڪڍڻ جو اعلان ڪندي سمورين سياسي جماعتن کي انهي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي ته هي پاڪستان جو مدو آهي، سمورن اختلافن کي هڪ طرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

زرداري سنڌ جي لُٽيل پئسي سان پنجاب فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي: حليم عادل شيخ

هاڻي اهين نه ٿي سگهندو، هڪ ڀيرو ٻيهر تبديلي جو سفر شروع ٿي چڪو آهي، سنڌ ۾ به زرداري مافيا کي شڪست ڏينداسين

سنڌ ۾ هن وقت پي ٽي آءِ جا 26 اسيمبلي ميمبر آهن، انهن سڀني استعيفيٰ پارلياماني ليڊر وٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي

خان صاحب جي حڪم جو انتظار ڪري رهيا آهيون، حڪم ايندي ئي بنا دير استعيفيٰ ڏينداسين: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ چيو آهي ته آصف زرداري سنڌ جي عوام جي لٽيل پئسي سان پنجاب کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي پر هاڻي ائين نه ٿي سگهندو. پنهنجي بيان ۾ حليم عادل شيخ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي ۾ گهٽتائي خلاف احتجاج

وظيفن ۾ گهٽتائي خلاف ڪڍڻ فقيرن ڪڪڙيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو

حڪومت اسان جو وظيفو 12 هزار مان گهٽائي 7 هزار ڪيو آهي: احتجاج ڪندڙ

رحيم يارخان (م ڊ) رحيم يارخان ۾ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفن ۾ گهٽتائي خلاف ڪڍڻ فقيرن عورتن انوکو احتجاج ڪيو. بينظير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: وفاقي وزير ۽ پ پ اڳواڻ شازيا عطا مري پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪي اليڪٽرڪ بجلي سستي ڪرڻ جي درخواست ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) ڪراچي کي بجلي فراهم ڪندڙ ڪمپني ڪي اليڪٽرڪ بجلي 7 رپيا في يونٽ سستي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي. نومبر جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ لاءِ نيشنل اليڪٽرانڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) کي درخواستون وصول ٿيون آهن. نيپرا جي دستاويز موجب ڪي اليڪٽرڪ في يونٽ بجلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عذير بلوچ وڌيڪ ٻن ڪيسن مان آجو

عدالت شاهدين نه هجڻ جي بنياد تي عذير بلوچ کي ٻن ڪيسن مان آجو ڪري ڇڏيو

عذير بلوچ ۽ ٻين تي پوليس سان مقابلن، قتل جي قدمن ۽ ڌماڪيدار مواد رکڻ جا الزام هئا

ڪراچي (م ڊ) لياري گينگ وار جو سربراهه عذير بلوچ وڌيڪ ٻن ڪيسن مان آجو ٿي ويو. ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت لياري گينگ وار جي سربراهه عذير بلوچ خلاف ٻن ڪيسن جو فيصلو ٻڌايو. عدالت شاهدين نه هجڻ جي بنياد تي عذير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مڪاني چونڊون: اليڪشن ڪميشن سنڌ وڏي پابندي هٽي ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) اليڪشن ڪميشن سنڌ بلديا عظميٰ ڪراچي کي خط لکي آفيسرن جي ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ کان روڪي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن جي خط جي متن موجب سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي جي شيڊيول جو اعلان ٿي ويو آهي ۽ شيڊيول جي اعلان ڪانپوءِ مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هڪ جملي ڀارتي وزيراعظم کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي: وقار مهدي

جڏهن کان فتنو ڦهلائيندڙ مودي اقتدار ۾ آيو آهي، هندستان ۾ مسلمانن سميت سمورين اقليتون مصيبت ۾ زندگي بسر ڪري رهيون آهن

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هڪ جملي مودي ۽ ڀارتي فنديڊ پاڪستان ۾ رهندڙ يوٿين کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي: پ پ اڳواڻ

پاڪستان ۽ ڪشمير جو مضبوط ڪيس دنيا آڏو رکڻ ۽ مودي کي بي نقاب ڪرڻ تي آءُ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري خلاف ڀارتيه جنتا پارٽي ۽ ان جي ساٿين پاران ڪيل مهم جي سخت لفظن ۾ مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي جي ٿاڻي ۾ سرڪاري هٿيار سان ٽڪ ٽاڪ وڊيو ٺاهيندڙ ٻه نوجوان گرفتار

بلال ۽ ڪاشف نالي ٽڪ ٽاڪرز عوامي ڪالوني ٿاڻي ۾ سرڪاري اهلڪارن سان گڏ ويهي هٿيارن سان ٽڪ ٽاڪ وڊيوز ٺاهيون: ايس ايس پي ڪورنگ

عوامي ڪالوني ٿاڻي جي ايس ايڇ او جمال لغاري اعلي' اختيارين جي هدايت تي فوري طور ڪارروائي ڪندي بلال ۽ ڪاشف کي گرفتار ڪري ورتو

ٻنهي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته گڏ ويٺل پوليس اهلڪارن خلاف به ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي: ساجد سدوزئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي عوامي ڪالوني ٿاڻي ۾ سرڪاري هٿيارن سان ٽڪ ٽاڪ وڊيو ٺاهيندڙ ٻن جڻن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ڪورنگي ساجد سدوزئي موجب بلال ۽ ڪاشف نالي ٽڪ ٽاڪرز عوامي ڪالوني ٿاڻي ۾ سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: پنجاب حڪومت جي ترجمان مسرت جمشيد چيمه پريس ڪانفرنس ڪندي

وڏي وزير سان سخت جملن جي ڏي وٺ، حسنين بهادر جي استعيفيٰ

سردار حسنين دريشڪ پنهنجي استعيفيٰ وڏي وزير کي موڪلي ڇڏي آهي جنهن جي هن به تصديق ڪئي آهي

گذريل ڏينهن ڪابينا جي اجلاس ۾ حسنين بهادر خاصخيلي جي پنجاب جي وڏي وزير سان تلخ ڳالهه ٻولهه ٿي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي سان تلخ ڳالهه ٻولهه کانپوءِ صوبائي وزير سردار حسنين بهادر دريشڪ وزارت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پيپلزپارٽي سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي هر ضلعي ۾ ريليون ۽ مظاهرا ڪيا: نثار کهڙو

سنڌ جي هر ضلعي ۾ مودي سرڪار ۽ بي جي پي پاران پاڪستان ۽ بلاول ڀٽو زرداري بابت پروپيگنڊه جي خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو: پ پ اڳواڻ

مودي سرڪار جي پاڪستان خلاف پروپيگنڊه جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو، بلاول زرداري بابت پروپيگنڊه کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين

بلاول ڀٽو زرداري اقوام متحده ۾ مودي سرڪار کي حقيقت تي ٻڌل آئينو ڏيکاريو آهي جنهن کان پوءِ ڀارت جو اصل چهرو پوري دنيا سامهون بي نقاب ٿي ويو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) مودي سرڪار ۽ بي جي پي پاران پاڪستان ۽ وزير خارجه بلاول ڀٽو زرداري بابت پروپيگنڊه. پيپلز پارٽي پاران اڄ آچر ڏينهن سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي سڀني ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ بلاول ڀٽو زرداري سان يڪجهتي جي اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

قوم سياڻي پرڏيهي وزير جي حمايت ۾ ٻاهر نڪري: سنڌ جي اطلاعات واري وزير

بلاول جي بيان تي ڀارت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي، ڀارت ۾ مودي جي چوڻ تي ٽرينن کي باهه ڏني وئي: شرجيل انعام ميمڻ

پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروائين جا پيرا ڀارت ڏانهن وڃن ٿا، ڪشميرين جي جسم تي پيلٽ گنز جا نشان هاڻ به موجود آهن

ڪشمير ۾ تاريخ جو سڀ کان ڊگهو ڪرفيو هنيو ويو، نريندر مودي وزيراعظم بڻجڻ کانپوءِ اقليتن سان ظلم ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته بلاول جي بيان تي ڀارت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي، قوم سياڻي پرڏيهي وزير جي حمايت ۾ ٻاهر نڪري. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ چيو ته ڀارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آمريڪا پاران تاريخ جي وڏي دفاعي بجيٽ جي منظوري

اها رقم صدر بائيڊن جي تجويز ڪيل دفاعي بجيٽ جي رقم کان 45 ارب ڊالر وڌيڪ آهي

اها فوج لاءِ لازمي ڪووڊ ويڪسين جي مينڊيٽ کي به رد ڪري ٿي: پرڏيهي خابرو ادارو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي سينيٽ 858 بلين ڊالر جي رڪارڊ دفاعي بجيٽ جي منظوري ڏيندي، ان جو سمري صدر بائيڊن ڏانهن موڪلي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بدناموسي ڪيس ۾ عمران جي دفاع جو حق ختم ڪرڻ جو فيصلو درست هو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ جو چوڻ آهي ته شهباز شريف پاران 10 ارب رپين جي هرجاڻي واري دعويٰ تي عمران خان خلاف دفاع جو حق ختم ڪرڻ جو فيصلو درست هو لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس چوڌري محمد اقبال فيصلي ۾ لکيو ته 7 ڏينهن اندر جواب داخل نه ٿيڻ تي دفاع جو حق ختم ٿي ويندو جسٽس چوڌري اقبال پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته ٽرائل ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سنڌ جي اطلاعات وارو وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

گجرات ۾ مسلمانن جو قتل: پاڪستان پاران ڀارت جو بيان رد

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان گجرات ۾ مسلمانن جي قتل عام بابت ڀارتي پرڏيهي وزارت جي بيان کي رد ڪري ڇڏيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڀارتي حڪومت گجرات ۾ 2002ع ۾ ٿيل وڏي پيماني تي ٿيل قتل عام کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته 2002ع ۾ ڀارتي گجرات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سرڪاري ملازم عوام جا مسئلا حل ڪن: محمد سهيل راجپوت

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي سموري دنيا ۾ عقيدت سان ٻڌو وڃي ٿو: سنڌ جو چيف سيڪريٽري

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي هر فرقي ۽ هر مذهب جا ماڻهو اچي حاضري ڀري سڪون محسوس ڪندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي سموري دنيا ۾ عقيدت سان ٻڌو وڃي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ جشن لطيف جي تقريب کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20



ڪراچي: پ پ جو مرڪزي اڳواڻ نثار احمد کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

بلاول جي بيان تي ڀارتي ردعمل وڌندڙ مايوسي جي عڪاسي آهي: پرڏيهي ترجمان

ٻه ڏينهن اڳ گڏيل قومن ۾ ڀارتي پرڏيهي وزير جئي شنڪر پاڪستان تي دهشتگردي جو سلسلو جاري رکڻ ۽ اساما بن لادن کي پناهه ڏيڻ جو الزام هنيو هو

بلاول ڀارتي پرڏيهي وزير جي الزامن تي چيو ته مان جئي شنڪر کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اساما بن لادن مري چڪو آهي پر گجرات جو ڪاسائي جيئرو آهي ۽ ڀارت جو وزيراعظم آهي

بلاول جي ان بيان تي ڀارت ۾ ٽرٿلو مچي ويو، بي جي پي ڪارڪنن نئين دهلي ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن ٻاهران احتجاج ڪيو ۽ ڀارتي حڪومت به بلاول جي ريمارڪس تي سخت تنقيد ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي آفيس پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري طرفان ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي بابت تبصري جي ردعمل ۾ ڀارتي پرڏيهي وزارت جي بيان کي رد ڪندي ان کي ڀارت جي وڌندڙ مايوسي جي عڪاسي قرار ڏئي ڇڏيو. ٻه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ن ليگ هميشه ملڪ جي تعمير ۽ عوام کي ان جا بنيادي حق فراهم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: زبير ٻٽ

ملڪ کي درپيش مشڪلاتن مان نجات ڏيارڻ لاءِ وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ ٻيا وزير ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن

علائقي جي اهم ۽ پراڻو مسئلو تعليم ۽ صحت آهي جنهن کان علائقو بي بس ۽ لاچار بڻيل آهي: مسلم ليگ ن جو اڳواڻ

4 لک آبادي واري يوسي ۾ سهولتون فراهم نه ڪرڻ اتان جي رهواسين سان ظلم ۽ زيادتي کان سواءِ ڪجهه نه آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ ن ڪراچي جي اڳواڻ زبير ٻٽ چيو آهي ته پي ايم ايل ن هميشه ملڪ جي تعمير، ترقي ۽ خوشحالي سميت عوام کي ان جا بنيادي حق فراهم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي سنڌ ۾ پاڪستان مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو منهنجي والد، چاچي ۽ ڏاڏي جي قتل جي منصوبابندي ڪئي: ام رباب

ڪيس جي شاهدن کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، سنڌن حياتين کي خطرو آهي، اسان ٽڪجڻ وارا نه آهيون

اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر فريادي ڌر جو وڪيل نه آيو، اسان چاهيون ٿا ته ڪيس تڪڙو هلايو وڃي: سردار چانڊيو

فريادي ڌر کي 5 سال اڳ ايس ايڇ او جو پتو نه آيو، فريادي ڌر اڳوڻي ايس ايڇ او کي نامزد ڪرڻ لاءِ 5 سالن کانپوءِ چوڳي آهي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي ٽيڻي قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي نامزد ڪرڻ واري درخواست جي ٻڌڻي 24 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. ام رباب جو وڪيل پيش نه ٿيڻ سبب ٽيڻي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 7 جنوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

رماند جي استدعا رد، دانيه شاهه کي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم

جوابدار دانيه کي جڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، ڪهڙو الزام آهي: عدالت

جوبدار تي عامر لياقت جون اعتراض جوڳيون وڊيوز وائرل ڪرڻ جو الزام آهي: جاچ آفيسر

جنهن ٿاڻي جي حدن ۾ وڊيوز رڪارڊ ٿيون جوابدار دانيه کي اتان جي ئي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي جڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت مرحوم عامر لياقت جي ٽئين گهرواري دانيه کي واسطيدار عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پوليس جوابدار دانيه کي جڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ پيش ڪيو جنهن دوران عدالت جاچ آفيسر کان سوال ڪيو ته جوابدار تي ڪهڙو الزام آهي؟ جنهن تي جاچ آفيسر ٻڌايو ته جوبدار تي عامر لياقت جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: ريلوي وارو وفاقي وزير سعد رفيق پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي نااهلي سبب تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪا آهيون: صفيا بلوچ

سنڌ ۾ ٻيهر برساتن ۽ سيلاب سبب اربين رپين جو فصل تباهه ٿي ويو آهي: پي ٽي آءِ ليڊيز ونگ جي جنرل سيڪريٽري

سنڌ جا حڪمران موهن ۾ ويٺل آهن، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا تائين برسات جو پاڻي بيٺل آهي

سکر (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري صفيا بلوچ چيو آهي ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي نااهلي سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير پرويز الاهي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌياڻين پاران اسلام آباد ۾ ثقافتي رنگن جو سلسلو جاري

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ ثقافتي رنگن جي بهار جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. اسلام آباد ۾ رهندڙ سنڌياڻين جي نمائينده تنظيم سورميون اينڊ وومن امپيڪٽ نيٽ ورڪ پاران ثقافتي رنگن سان ڀرپور پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي بهار ۾ فنڪارن قومي گيت تي سروڪيري ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏيو اسلام آباد ۾ سورميون اينڊ وومن امپيڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سون جي اگهه ۾ بنا بريڪ واڌ، نئون رڪارڊ قائم

اڄ به واڌ کانپوءِ سون جي قيمت نئين بلند ترين سطح تي پهچي وئي آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 11 ڊالر وڌڻ کانپوءِ 1793 ڊالر في اونس تي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جو اگهه وڌڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ به واڌ کانپوءِ سون جي قيمت نئين بلند ترين سطح تي پهچي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنگي فائونڊيشن پاران مفت دوائون ڏيڻ جي تقريب

ڪراچي (رپورٽر) اين ڊي ايم اي پاڪستان جي مطابق 2022 جي برساتي ٻوڏ ملڪ جي لڳ ڀڳ اڌ حصي کي متاثر ڪيو. خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان صوبا سخت متاثر ٿيا. هن ٻوڏ صحت جي مرڪزن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو جنهن جي نتيجي ۾ بنيادي صحت مرڪز (BHUs) ۽ رورل هيلٿ سينٽرز (RHCs) جي صحت سهولتن جي فراهمي ۾ خلل پيو آهي. غذائيت، جيڪا اڳ ۾ ئي خطرناڪ حد تائين گهٽ هئي، ان هاڻي تمام خطرناڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ميهڙ: ام رباب چانڊيو عدالت ۾ پيشيءَ کان پوءِ صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

”پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ“ نوابشاهه ۾ هڪ آگاهي سيمينار سيمينار منعقد

ميمبر سنڌ اسيمبلي غلام قادر چانڊيو ۽ اسڪول ايجوڪيشن جي چيف پروگرام مينيجر جنيد حميد سمون ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ حڪومت تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ڇاڪاڻ ته تعليم کان بغير ترقي نا ممڪن آهي: غلام قادر چانڊيو

اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪولن ۾ داخلا ڪرائڻ لاءِ پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ تحت داخلا مهم 2022 شروع ڪئي وئي آهي

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) اسڪول ايجوڪيشن کاتي شهيد بينظيرآباد پاران اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪول ۾ آڻڻ لاءِ پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ جي عنوان سان هڪ آگاهي سيمينار ايچ ايم خواجه آڊيٽوريم هال ۾ منعقد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

”پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ“ نوابشاهه ۾ هڪ آگاهي سيمينار سيمينار منعقد ڪي مقرر خطاب ڪندي

محمد خان ۾ پ پ ايم پي اي
سيد اعجاز حسين شاهه بخاري جي
سوٽ لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان (مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم سيد محسن شاهه بخاري، رٽائرڊ جج سيد حسن شاهه بخاري، مرحوم ڊاڪٽر سيد حسين شاهه بخاري جي پيٽ، پ پ ايم پي اي ۽ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي صدر سيد اعجاز حسين شاهه بخاري جي سوٽ 82 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سجاول ۾ پ پ جو شهيد بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي بابت اجلاس

اجلاس ۾ ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري، ضلع سينيئر نائب صدر ارباب ڪامران ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

27 ڊسمبر شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي 15 هين ورسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو عظم ڪيو ويو

سجاول (ڊ ر) پاڪستان پ پ ضلع صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جي صدارت هيٺ 27 ڊسمبر شهيد محترمه بنظير ڀٽو صاحبه جي 15 ورسي جي حوالي سان پيپلز پارٽي آفيس سجاول ۾ اجلاس ٿي گذرو اجلاس ۾ ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري، ضلع سينيئر نائب صدر ارباب ڪامران ميمڻ، ضلع ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ، پ پ پ منارٽي ونگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

واره چوپائي مال لاءِ آيل چارو من پسند ماڻهن کي ملڻ ۽ وڪرو ٿيڻ لڳو

غريب عوام جو لکين رپين جو چوپايو مال بک مري ويو گذريل برسات ۽ ٻوڏ سبب چوپائي مال جو چارو ختم ٿي ويو

غريب عوام جو چوپايو مال بک ۾ مرڻ لڳو هر هنڌ تي مئل جانورن جي هڏن جا ڍير لڳي ويا، غريب مالوند سخت پريشان

روز مره جي استعمال جون شيون ڏئي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ اسان کي رليف فراهم ڪيو وڃي: متاثر

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره چوپائي مال لاءِ آيل چارو من پسند ماڻهن کي ملڻ ۽ وڪرو ٿيڻ سبب غريب عوام جو لکين رپين جو چوپايو مال بک مري ويو واره گذريل برسات ۽ ٻوڏ سبب چوپائي مال جو چارو ختم ٿي ويو انتظاميه طرفان هن وقت تائين ڪي به اپاءُ نه ورتا ويا جنهن سبب غريب عوام جو چوپايو مال بک ۾ مرڻ لڳو هر هنڌ تي مئل جانورن جي هڏن جا ڍير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

واره چوپائي مال لاءِ آيل چارو من پسند ماڻهن کي ملڻ ۽ وڪرو ٿيڻ لڳو

محرابپور سميت ٻين شهرن
۾ پاڪستان پوسٽ جو نظام درهم
برهم ٿي چڪو

محرابپور (رپورٽر) محرابپور سميت ٻين شهرن ۾ پاڪستان پوسٽ جو نظام درهم برهم ٿي چڪو آهي رجسٽرڊ خط پارسل وي پي جون سهولتون بند عوام پريشان ڪوريئر سروس وارن جي عيد. تفصيلات جي مطابق محرابپور پوسٽ ڊويزن ۾ ڊاڪ جو نظام درهم برهم ٿي چڪو آهي عوام کي بروقت رجسٽرڊ خط پارسل وي پي سهولت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان ۾ چورين جو وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون

گهرن مان چور چوريون ڪري شهرين جا گهر ڀاڙڻ لڳا، پوليس ڪاروائيون ڪرڻ ۾ ناڪام

مختلف علائقن مير پاڙي، نصيرآباد ۽ ٻين علائقن مان رات جي وقت گهرن مان چوريون

نوٽيس وٺي بدامني جو نوٽيس ورتو وڃي، چورين جو وارداتون روڪيون وڃن: سڄاڻ ڌريون

ٽنڊو محمد خان (مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ چورين جو وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون، گهرن مان چور چوريون ڪري شهرين جا گهر ڀاڙڻ لڳا، پوليس ڪاروائيون ڪرڻ ۾ ناڪام. خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي اندر هڪ دفعو ٻيهر بدامني جي لهر عوام لاءِ آزار بڻجي وئي آهي. شهر جي مختلف علائقن مير پاڙي، نصيرآباد، ڀرائي پاڙي، ٽالپر ڪالوني ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي ۾ معصوم ٻارڙن ۾ سردي کان بچائڻ لاءِ گرم ڪپڙا ۽ رانديڪا تقسيم

ملندڙ سامان باحفاظت 190 ٻارڙن ۾ ورهايو ويو آهي ٻارڙن جو تعداد گهڻو آهي: احمد شاهه ڪاظمي

اسان وڏين سختين باوجود به پير پوئتي ناهي ڪيو هن متاثرن کي اجهو فراهم ڪيو آهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نادرن باس عمر بروهي گوٺ لڳ سيد احمد شاهه ڪاظمي طرفان قائم ٻوڏ متاثرين گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾ 190 معصوم ٻارڙن کي سردي کان بچائڻ لاءِ گرم ڪپڙا ٽوال رانديڪا ۽ ڪتاب ڏنا ويا ان موقعي تي سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ميرپورماٿيلو ۾ اي سي اي استاد سال 2019 کان بحالي ۽ مستقلي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل

اسان کي سي ايم سنڌ جي ڏنل منظوري مطابق نه آرڊرس ڏنا ويا آهن نه ايڪسٽينشن ڏنو ويو آهي: استاد

سنڌ جي 150 سرڪاري اسڪولن کي آباد ڪيو آهي پر ان جو سلو جبري برطرفي طور ڏنو ويو آهي

اسان سنڌ جا بدنصيب ۽ لاوارث اي سي اي استاد آهيون جن جي ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر): سنڌ حڪومت ۽ محڪمه تعليم جي درميان 246 ميل فيميل اي سي اي استاد سال 2019 کان بحالي ۽ مستقلي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن اي سي اي استادن ٻڌايو ته اسان کي سي ايم سنڌ جي ڏنل منظوري مطابق نه آرڊرس ڏنا ويا آهن نه ايڪسٽينشن ڏنو ويو آهي 14 سال کم اجرت تي خيراتي استاد ٿي ڪري سنڌ جي 150 سرڪاري اسڪولن کي آباد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊوباگو ۾ پرسان نوجوان عورت جون اوباش نوجوان خلاف دانهون

ممتاز بليدي نڪاح ٺوڙائي شادي نه ڪرڻ تي ڌمڪيون ڏئي ٿو: آمنا بليدي

ٽاڻي تي دانهن ڪٺي ويس ته پوليس ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏي، انصاف ڏياريو وڃي

ٽنڊوباگو (رپورٽر) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ حسن بليدي جي رهواسي نوجوان عورت جون اوباش نوجوان خلاف دانهون. ممتاز بليدي نڪاح ٺوڙائي شادي نه ڪرڻ تي ڳوٺ مان لڏي وڃڻ ۽ گهر کي باهه ڏئي ساڙڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو. ٽنڊوباگو ٿاڻي تي دانهن کٽي ويس ته پوليس ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو مون غريب نياڻي سان انصاف ڪيو وڃي. خبر موجب ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊوباگو پرسان نوجوان عورت جون اوباش نوجوان خلاف دانهون ڪندي

راضيديرو جي گورنمينٽ بوائز
ايليمينٽري اسڪول ۾ شاندار
ثقافتي تقريب

راضيديرو (رپورٽر) راضيديرو جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ شاندار ثقافتي تقريب، شاگردن ۽ شاگرديائين پاران تقريرون، ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. رپورٽ موجب راضيديرو جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول راضيديرو ۾ ثقافتي پروگرام ۽ استاد محمد حسن سيال جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي هڪ زبردست پروگرام ٿي گذريو جنهن ۾ تعلقه ايجوڪيشن سيڪنڊري آفيسر سيد مفتون ضياءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪتاب انسان جو دوست نه پر معلومات جو خزانو به آهي: اي ڊي سي

اسان کي پنهنجي نسلن ۾ ڪتابن پڙهڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ گهرجي: پريم چند

ڪمشنر سيد اعجاز علي شاهه ۽ ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ لائبريري جو دورو ڪندا

اسان سڀني کي علم سکڻ ۽ ان کي فروغ ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: ڳالهيون

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص 17 ڊسمبر 2022 ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر پريم چند چيو آهي ته ڪتاب انسان جو دوست نه پر ان سان گڏ معلومات جو خزانو به آهي اسان کي پنهنجي نسلن ۾ ڪتابن پڙهڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪتابي ميلي جي اختتامي تقريب 19 ڊسمبر 2022 تي ڊويزنل ڪمشنر سيد اعجاز علي شاهه ۽ ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊوباگو جي وارڊ 7 ۾ مرزا گروپ جو اميدوار محمد زمان رستماڻي لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ مرزا گروپ جي اڳواڻن سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي

مرحوم کي مصري شاهه جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو، يونيئن سان تعزيت جاري

ٽنڊوباگو (رپورٽر) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 7 ٽئون آباد ۾ مرزا گروپ جي اڳواڻ انور علي رستماڻي جو وڏو ڀاءُ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي وارڊ 7 تي ڪائونسلر جي سيٽ تي بيٺل مرزا گروپ جو اميدوار محمد زمان رستماڻي ڦڦڙن جي بيماري سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

جان محمد سوسائٽي پرسان طبعي ڪيمپ لڳائي وئي

گهوٽڪي جي مشهور ڊاڪٽر نورحسن سنگهڙ مريضن کي چڪاس ڪيو

منت ۾ دوائون پڻ ڏنيون، ڪيمپ ۾ 100 کان مٿي مريضن کي چڪاس ڪيو

جان محمد سوسائٽي (غلام رسول مهر) جان محمد سوسائٽي ويجهو ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ سماج تنظيم هيومن ڊولپمينٽ فائونڊيشن (ايچ ڊي ايف) جي تعاون سان پروجيڪٽ مينيجر تزاڪت علي منگي، سوشل آرگنائيزر محمد اعظم ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

جان محمد سوسائٽي: جان محمد سوسائٽي پرسان مفت طبعي ڪيمپ لڳائي وئي

پرياسٽي ۾ مختلف اسڪولن جي استادن پاران تعليمي ريلي ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي استاد طفيل احمد جوڻيجو، استاد گلزار علي ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

پنهنجن گلن جهڙن ٻارڙن کي سرڪاري اسڪولن ۾ موڪليو، بهتر تعليم ڏينداسين: اڳواڻ

پرياسٽي/ نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي ۾ مختلف اسڪولن جي استادن پاران تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي ڪيمپس اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پرياسٽي: مختلف اسڪولن جي استادن پاران تعليمي ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊوباگو جي مختلف روڊن تي ڦرن جا واقعا روز جو معمول بڻيل

پوليس چپ جو روزو رکي ويهي رهي آهي، رهواسي پريشان آهن: سڄاڻ ڌريون

گهر مان تيل چوري واپس ڪرائي، ٽنڊوباگو ۾ چورين ۽ ڦرن جي واقعن کي روڪيو وڃي

ٽنڊوباگو (رپورٽر) ٽنڊوباگو جي مختلف روڊن تي ڦرن جا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن. ٽنڊوباگو پوليس چپ جو روزو رکي ويهي رهي آهي. ان ڏس ۾ ٽنڊوباگو جي ڏيٺي ڪڍهرو روڊ تي چنچر جي صبح جو شهر جو ڏاهن ڪير ڪٺي اينڊ ڪير جي واپاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٻنون ۾ پورهيت پورٽ قاسم ڪراچي ۾ مزدوري ڪرڻ دوران چيلهه وچائي ويٺو

نوجوان انتهائي غربت سبب علاج نه ٿيڻ ڪري ڪمپرسي واري زندگي گذارڻ تي مجبو

حڪومت، سجاول جا چونڊيل نمائندا ۽ سرندي وارا پٽ جي علاج لاءِ مالي مدد ڪن: وارث

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ٻنون شهر جو پورهيت نوجوان پورٽ قاسم ڪراچي ۾ مزدوري ڪرڻ دوران چيلهه وچائي ويٺو. نوجوان انتهائي غربت سبب علاج نه ٿيڻ ڪري ڪمپرسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. ٻنون جو پورهيت نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

کهڙا ۾ ميڊيڪل سينٽر تي هڏن ۽ جوڙن جي فري ميڊيڪل ڪئمپ قائم

هڏن ۽ جوڙن جي ماهر سرجن ڊاڪٽر درست محمد سوهو چار سئو ماڻهن جو فري چيڪ اپ ڪيو

اهڙي لڳل فري ڪئمپ مان غريب ماڻهن کي لکين رپين جو فائدو مليو آهي: ڊاڪٽر ارباب علي جامڙو

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) کهڙا روڊ گمبٽ ڪسان ميڊيڪل سينٽر تي هڏن ۽ جوڙن جي فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ هڏن ۽ جوڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي پرسان مواچ ڳوٺ ۾ چيئرمين جي اميدوار وارا پاران دورا

مواچ ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم هلندڙ آهن نورشاهه پاڙي ۾ پاڻي جو مسئلو اهم آهي: عثمان پرهياڙ

محمد علي ڪلهوڙو ڪوهارا برادري جو ثناءُ الله ڪوهارو شيخ برادري جو فرمان شيخ ساٿس گڏ هو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جا علائقائي اڳواڻ يوسي 4 مواچ ڳوٺ ۾ چيئرمين جي اميدوار موسي مينگل ۽ وائيس چيئرمين جي اميدوار عثمان پرهياڙ مواچ ڳوٺ جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ۽ علائقن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي پرسان مواچ ڳوٺ ۾ چيئرمين جي اميدوار وارا پاران دورا ڪيا ويا

خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڌوهن تي ضابطو نه اچي سگهيو

چوريون ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون، رهواسي راتيون جاڳڻ تي مجبور ٿي ويا

پوليس ڌوهارين آڏو بيوس ۽ شريفن لاءِ جلاد بڻيل، رهواسين پاران واهر جي اپيل

خانواهڻ (رپورٽ عاجز امتياز نوح پوٽو) ضلع نوشهرو فيروز جي خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڌوهن تي ضابطو نه اچي سگهيو، چوريون ڦرون روز جو معمول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ برسات ۽ سيلاب سبب متاثر ٿيل پوليو ورڪرن لاءِ چيڪ ورهائڻ جي تقريب

اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ماجد الطاف اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي ڊاڪٽر عظيم خواجه سڪندر وسان ڊاڪٽر رجنيش سهيل راٺوڙ ۽ ٻين جي شرڪت

برسات ۽ ٻوڏ جي تباهه ڪارين سموري سنڌ کي متاثر ڪيو آهي اتي ضلعو بدين پڻ متاثر ٿيو آهي هنن چيو ته مشڪل جي هن گهڙي ۾ صحت کاتو پنهنجي پوليو ورڪرن سان گڏ آهي: اي سي

جن سهولتون عوام تائين پهچائڻ ۾ هيلٿ ورڪرن جو اهم ڪردار آهي هي ورڪر موسم جي سختين کي منهن ڏيندي سيارو هجي يا اونهارو پنهنجو فرض ايمانداري سان ادا ڪري رهيا آهن

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ پاران برسات ۽ سيلاب سبب متاثر ٿيل پوليو ورڪرن لاءِ چيڪ ورهائڻ جي تقريب دربار هال ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: برسات ۽ سيلاب سبب متاثر ٿيل پوليو ورڪرن لاءِ چيڪ ورهائڻ جي ڪرنايل تقريب جو ڏيک

دادو ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس ٻڌڻي

الزام هيٺ آيل ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ ايم پي اي برهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش

اسان کي جهڪائڻ ۽ ڊڄائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اسان جهڪڻ ۽ ڊڄڻ وارا ناهيون: امر رباب چانڊيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ڪرمنل ٽرائيل ماڊل ڪورٽ نذير بدر قاضي جي عدالت ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين والد مختيار چانڊيو، ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو ۽ چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٿي، امر رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو سان گڏ عدالت پهتي، جڏهن ته الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ ايم پي اي برهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور: ادبي سنگت جي هفتيوار دستوري ويهڪ

گڏجاڻي صوفي ٻڍل لائبريري اسڪائوٽ هيڊ ڪوارٽر ۾ نادر بلوچ جي صدارت هيٺ ٿي گذري

ڪوٺايل گڏجاڻيءَ ۾ شاعرن اديبن اسڪالرن ۽ دانشورن جي سُٺي انگ شرڪت ڪئي

انور سومرو، زبير ساجن، حسن ساگر، آزاد جوکيو، نادر بلوچ، سجاد مهر، حسام ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ادبي سنگت جي هفتيوار دستوري ويهڪ، شاعرن تکور تخليقون پڙهي داد وصول ڪيو. سنڌي ادبي سنگت شڪارپور شاخ جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي صوفي ٻڍل لائبريري اسڪائوٽ هيڊ ڪوارٽر ۾ نادر بلوچ جي صدارت هيٺ ٿي گذري جنهن جي ڪارروائي شاخ جي سيڪريٽري سجاد مهر هلائي. گڏجاڻيءَ ۾ شاعرن اديبن اسڪالرن ۽ دانشورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پريس ڪلب
شاهپورچاڪر جي
سالانه چونڊ ٿي گذري

شاهپورچاڪر (رپورٽر) پريس ڪلب شاهپورچاڪر جي سالانه چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ 2023 جي لاءِ بنا مقابلي اتفاق راءِ سان هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا جنهن ۾ صدر ڊاڪٽر غلام حيدر ڏامراه نائب صدر الياس انجم جنرل سيڪريٽري حاڪم ناياب جهلڻ جوائنٽ سيڪريٽري عبدالستار تبسم، اطلاعات سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران ڪاروائيون، 6 دڪان ۽ اسڪول سيل

عملدارن ٽيچر ڪوآپريٽو سوسائٽي جي پلاٽ نمبر D19 جي بنگلي ۾ هلندڙ نجي اسڪول کي سيل ڪري ڇڏيو

سوسائٽين توڙي رهائشي علائقن اندر عدالتي حڪم جي روشني ۾ وڌيڪ ڪاروائيون ڪيون وينديون: عملدار

عملدارن جي ڪمرشل هنڌن تي قائم دڪاندارن نجي اسڪولن توڙي ٻيو ڪاروبار ڪندڙن ۾ ٽرٿلو مچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ضلعي اوڀر جي علائقي گلزار هجري اسڪيم 33 جي رهائشي علائقن سوسائٽين ۾ ڪمرشل دوڪانن نجي اسڪول خلاف سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران ڪاروائيون ڪندي 6 دڪان، هڪ نجي اسڪول کي سيل ڪيو ويو سوسائٽي کي ڪمرشلائيز ڪندڙن ۾ ٽرٿلو مچي ويو عدالتي حڪم تحت ڇاپايل ڪاروائيون ٿيڻ پيون سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

راڻيپور پرسان ايليمينٽري اسڪول ۾ سنڌي ثقافت جي مناسبت سان پروگرام

بهترين ڪارڪردگي تي شاگردن کي الرحمن' ايليمينٽري اسڪول انتظاميا طرفان ايوارڊ ڪي ڏنا ويا

سنڌي ثقافت اسان جي سڃاڻپ آهي جنهن سان اسان کي تمام گهڻو پيار آهي: استاد نبي بخش ڀٽي

دنيا جي ماڻهن کي تهذيب سيکارڻ ۾ سنڌ جي ماڻهن جو وڏو ڪردار رهيو آهي: استاد جواد علي جامڙو

راڻيپور (رپورٽر) راڻي پور ريلوي اسٽيشن لڳ سيف طرفان قائم ڪيل الرحمن' ايليمينٽري اسڪول ۾ سنڌي ثقافت جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪيو ويو شاگردن ۾ ثقافتي ٽيبلوز تقريري مقابلا ٿيا بهترين ڪارڪردگي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

راڻيپور: ايليمينٽري اسڪول ۾ سنڌي ثقافت جي مناسبت سان پروگرام منعقد ڪئي وئي

بدين ۾ 219 پرائمري اسڪول استادن کي سفارش تحت پوسٽنگون ڏنيون ويون

ضلعي جا 206 بند پيل گرلس ۽ بوائز پرائمري اسڪول نه کلڻ سبب ڪيترن ئي شاگردن جي تعليم متاثر

ڪرپشن سبب وڌيڪ 206 هلندڙ پرائمري اسڪولن کي بند ڪرڻ سان ٽوٽل بند اسڪولن جو تعداد 698 ٿي ويو

جيڪڏهن ميرٽ تحت مقرري ٿئي ها ته استادن جي ڪوٽ ڇاٽائڻ سبب بند پيل اسڪول کلي سگهن ٿا: سڄاڻ ڌريون

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلعي جي تعليمي آفيسرن پاران 219 پرائمري اسڪول استادن کي بند پيل پرائمري اسڪولن ۾ پوسٽنگ ڏيڻ بجاءِ هلندڙ ايليمينٽري اسڪولن ۾ پئسن عيوض ۽ سفارش تحت پوسٽنگون ڏنيون ويئيون آهن جنهن سبب ضلعي جا 206 بند پيل گرلس ۽ بوائز پرائمري اسڪول نه کلڻ سان هزارين شاگردن ۽ شاگرديائين جي تعليم تباهه ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سجاول ۾ واحد سوز ملاح کي رابطا سيڪريٽري چونڊجڻ تي آجياڻو

سنڌ جي ناميارين شاعر ۽ اديب رمضان ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن پاران اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا، ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سجاول (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ سجاول طرفان سنڌ جي ناميارين اديب ۽ شاعر رمضان ميمڻ صاحب کي سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۾ مرڪزي پريس ترجمان ۽ واحد سوز ملاح کي رابطا سيڪريٽري ضلعو سجاول چونڊجڻ تي آجياڻو ۽ ثقافتي مشاعرو سورج سجاولي پريس ڪلب سجاول ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي ناميارين شاعر ۽ اديب رمضان ميمڻ کي ادبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سجاول ۾ واحد سوز ملاح کي رابطا سيڪريٽري چونڊجڻ تي آجياڻو ڏنو ويو

چوهڙ جمالي ۾ وي ڪيئر
فائونڊيشن پاران ڳوٺ ۾ 12
پڪا گهر ٺاهيا ويا

چوهڙ جمالي (رپورٽر) وي ڪيئر فائونڊيشن طرفان انڊونيشيا جي اداري ڊي ڊي ڪنسٽرڪشن جي مالي سهڪار سان ڳوٺ نواب خان رند ضلعي سجاول ۾ 12 پڪا گهر ٺاهيا ويا. گهرن جو ڪم مڪمل ٿيڻ تي ان جي آن لائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو مان امن جو پکي اڏامي ويو، پوليس شهرين کي ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو

خدا آباد ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم چورن جو ٽولو ڪريان جي دوڪانن سميت هوٽلن جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ڀاري ويا

نامعلوم چور وزير خشڪ، حضور بخش پنهور، حبيب شاهه، حيدر پنهور جي دوڪانن ۽ هوٽلن جا تالا ٽوڙي سامان چوري ڪري ويا

واقعي بابت خدا آباد ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پوليس جاءِ وارادات ڏسڻ به نه آئي آهي، واهر ڪئي وڃي: رهواسي

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو، دادو پوليس شهرين کي ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل. خدا آباد ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم چورن جو ٽولو ڪريان جي دوڪانن سميت هوٽلن جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ڀاري ويا. خدا آباد ٿاڻي جي حد خشڪ موڙ وٽان نامعلوم چور وزير خشڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

✽✽✽ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي ✽✽✽ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 18 ڊسمبر 2022ع

تيل جي اگهن ۾ اڃا به گھٽتائي ٿيڻ گهرجي

ملڪ ۾ مهانگائي جنهن انداز ۾ وڌي رهي آهي، عوام ڪي ان جي پيٽ ۾ سرڪار طرفان رليف نه هئڻ برابر آهي نه سرڪار مهانگائي تي ضابطو آڻڻ جي ڪا ڪوشش ڪري رهي آهي نه ئي وري انهي مهانگائي کي ڊسندي انهن جي زندگي ۾ سهولتون مهيا ڪرڻ جي حڪمت عملي ٺاهيندي نظر اچي رهي آهي. ان جو هڪ سبب معيشت جي خراب حالت آهي ته ٻيو وڏي ۾ وڏو سبب ان جي اها سياسي صورتحال ۽ سياسي افراتفري آهي جنهن مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بدران حڪومت پاڻ به ان جو حصو ٿي وئي آهي جنهن ڪري حڪومت عوام جي زندگي ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ وقت ڪڍڻ لاءِ تيار ناهي يا انهي جي ڪيس پرواهه ئي نه آهي. ڪجهه مهينن کان ته ايئن ٿو لڳي حڪومت توڙي مخالف ڌر ٻنهي جي سياست جو محور اهو عام ماڻهو ناهي پر ٻنهي جون ايجنڊائون اهي سياسي الزام تراشيون آهن جو هڪٻئي تي يا ڪرپشن جا الزام هڻن ٿا يا وري ڪوڙ ۽ چور چور جو گوڙ ڪن ٿا ۽ انهي سڄي گوڙ ۾ عوام ڪٿي گم آهي جيڪو پنهنجي گذر سفر لاءِ سرڪاري سهولتن مان آسرو لاهي ٻاٽمرادو ٻنا سهاري جي هلي رهيو آهي جڻ هن رياست يا حڪومت مان آسروئي پلي ڇڏيو آهي.

گهٽي وقت کان وٺي ملڪ ۾ پيٽروليم جي شين جون قيمتون جيئن مٿي چڙهيون آهن اهي گهٽ ٿيڻ جو نالو ئي نه پيون وٺن. اڳ ۾ ته حڪمرانن وٽ انهن قيمتن جي واڌ ڪرڻ جو اهو جواز هو ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون مسلسل وڌي رهيون آهن تنهن ڪري اهي ڪنهن به ريت عوام کي رليف ڏيڻ يا قيمتون گهٽ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه آهن.پر گذريل مهيني ڏيڍ کان عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون وڏي پيماني تي گهٽ ٿيون آهن ۽ جيڪي اڃا به گهٽ ٿيڻ جو امڪان آهي پر حڪمران انهي تيل جي قيمتن جي گهٽتائي جو رليف عوام کي وقت تي ڏيڻ لاءِ تيار ئي نه هيون. ٻن مهينن کان تيل جون قيمتون گهٽ ٿيڻ باوجود ملڪ ۾ ساڳيون قيمتون برقرار رکيو ويون پر جڏهن قيمتون تمام گهٽيون گهٽ ٿيون ته ٻه ڏينهن اڳ حڪومت رڳو 10 رپيا في ليٽر پيٽرول ۽ ساڍا 7 رپيا في ليٽر ڊيزل تي قيمتون گهٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته جنهن پيماني تي عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ ٿيون آهن ان جي ڀيٽ ۾ هي قيمتن جي گهٽتائي ڪافي ناهي. ڇاڪاڻ ته اهو هر ڪو سمجهي ٿو ته جڏهن به تيل جون قيمتون وڌنديون آهن ته باقي عام استعمال ۽ کائڻ پيئڻ جي شين جي قيمتن کي به پر لڳي ويندا آهن ۽ اهي آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳنديون آهن پر جڏهن تيل جون قيمتون گهٽ ٿينديون آهن ته باقي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي نالي ماتر ٿيندي آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ جي مقابلي ۾ هتي قيمتن ۾ ٿوري ڦير ڦار ڪئي ويندي آهي ته عوام کي اهو مڪمل رليف ناهي ملي سگهندو جنهن جي هن کي ضرورت هوندي آهي يا جيڪو عوام جو حق هوندو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته عوام هن مهانگائي جي دور ۾ ڏکي زندگي گذاري رهيو آهي ۽ حڪومت انهي جي مدد ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي. حڪومت جيڪڏهن پنهنجي خزاني مان عوام کي رليف ڏيڻ نه ٿي چاهي ته اها الڳ ڳالهه آهي پر جيڪا عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ٿي آهي ته اها ته مڪمل طور عوام ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اگهه وڌائڻ جو معاملو هوندو اهي ته حڪومت انهي ئي عالمي مارڪيٽ کي ئي بهانو بڻائيندي آهي جڏهن قيمتون گهٽ ٿيڻ جو معاملو آيو آهي ته ان وقت اها عالمي مارڪيٽ حڪومت کان ڇو وسريل آهي. تنهن ڪري حڪومت پنهنجي مرضي نه پر عالمي مارڪيٽ جي حساب سان تيل جا اگهه گهٽائي ته جيئن عوام کي ڪجهه رليف ملي سگهي.

عمران اسيمبلي ٽوڙڻ واري اعلان تان يوٽرن وٺندو

عظمت الله ٻرڙو ۽ ٻيا

ڊيلي پنهنجي اخبار جي فيس بوڪ پيج تي عوام کان سوال ڪيو ويو ته عمران خان چيو آهي ته خدا جي واسطي عدليه ۽ فوج ملڪ کي چونڊن ڏانهن وٺي وڃن، ڇنڇر تي اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ ڏيندس، عمران خان جي ان اعلان کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟ جنهن تي اڪثر ماڻهن چيو ته عمران رڳو تاريخ مٿان تاريخ ڏئي رهيو آهي، پنهنجي هن اعلان تان به يوٽرن وٺندو، وقت کان اڳ چونڊون نه ٿينديون، سروي ۾ عمران جي اعلان کي درست به قرار ڏنو ويو. سوال/سروي سلسلي ۾ شيئر ڪيل پوسٽ تي ڪمينٽ ڪندي گل حسن شر لکيو ته وري يوٽرن وٺندو پهرين چيائين ادارا نيوٽرل آهن وري چيائين نيوٽرل جانور هوندو آهي فرض ڪريو اليڪشن ٿي به وڃي نتيجا سندس سوچ جي برخلاف آيا ته وري روڊن تي هوندو ۽ ڪنهن به اداري کي بخش نه ڪندو جنرل باجوه کي ايڪسٽينشن ڏيڻ وارو به پاڻ ۽ ٽينشن ڏيڻ وارو به پاڻ، عمران خان کي صرف پنهنجي انا ضد وڏيڪ آهي ان لاءِ هو سڀ ڪجهه ڇٽي ويندو آهي ڪندو نه آهي، اصل ۾ عمران خان پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري چڪو آهي هي صرف ان ڪي برداشت ڪندو جيڪو سندس يس مين ٿي ڪم ڪري باقي اپوزيشن کي سدائين ڪچي واري ڏاڙيلن وانگر ٽريٽ ڪندو رهيو اصل ۾ هي ون مين شو چاهي ٿو ڪيس آڻي خطرناڪ تجربو ڪيو ويو جنهن جو اثر ڪئي ڏهاڪن تائين محسوس ٿيندو جيئن معيشت روز آفتر شاڪس مان پئي گذري هي سڀ ڪجهه سيٽ ٿيڻ مشڪل پيو لڳي ترقي ته نهيو پر ملڪ 2018ع واري پوزيشن تي اچي وڃو ته به وڏي غنيمت هوندي، عظمت الله ٻرڙو لکيو ته عمران خان يوٽرن ماسٽر آهي هن تي ڪو به اعتبار ناهي عمران خان پنهنجن ئي ڳالهين تي ناهي بيهندو اسان ته سندس ڳالهه کي سيريس ئي ناهيون وٺندا، شوڪت علي لکيو ته عمران خان جهڙي ليڊر جي ملڪ کي سخت ضرورت آهي جيڪي ڪرسين تي ويٺا آهن اهي وڏا ڪريٽ آهن هن سوال جو ڪواچ تائين جواب ڏئي نه سگهيو آهي ته هي چور ايوانن ۾ ڪنهن جي هٿ تي آيا، غلام محمد لکيو ته چونڊون پلي نه ڪرايو پر مهانگائي تي ڪنٽرول ڪريو ملڪ کي بحران مان ڪڍو پلي عمران کي نه آڻيو توهان ئي سچائي ڏيکاريو عمران ته يوٽرن وٺي ٿو باقي هي ته ڪيس سڀ معاف ڪرڻ آيا آهن اهو وقت ٻڌائيندو ته عمران رڙيون صحيح پيو ڪري پر گدڙجي رڙين وانگر اعتبار نٿا ڪن جڏهن سڀ پينگ ٿيندو تڏهن خبر پوندي، لياقت نهڙي لکيو ته ملڪ کي صحيح ٽريڪ تي آڻڻو آهي ته اليڪشن ڏانهن وڃڻو پوندو انهي ۾ عدليه مک ڪردار ادا ڪري چو ته 70 سيڪڙو اليڪٽرانڪ بورڊ جي ٽٽي پوڻ پوءِ حڪومت جو رهڻ ڪٿان جو قانون آهي ، ذوالفقار علي راهمون لکيو ته عمران خان جو اهو اشارو آهي ته شرافت سان اقتدار جي ڪرسي ڪي پي ڊي ايم وارا ڇڏين جي نه ته پوءِ شايد سڌي راند سونٽي جي ٿيندي، عمران خان قانوني طرح عدليه ۽ فوج جون ميارون لاهي اسيمبليون ٽوڙيندو، جاويد جمالي لکيو ته عمران خان کي ايڊو ته بادشاهت جي ڪرسي مزو ڏنو آهي جو هڪ ڏينهن به عمران خان کان صبر نٿو ٿي، ڪڏهن فوج ۽ عدليه تي الزام ٿو هڻي ڪڏهن وري خدا جا واسطا ٿو وجهي ووٽ ڪرايو عمران خان، زرداري، نواز شريف، مولانا سڀ چور آهن پاڪستان جي حق ۾ هڪ به ناهي، اٽو 120 رپيا ڪلو غريب هڪ ٽائيم جي ويلي لاءِ به پريشان آهي هنن کي رڳو ڪرسي جي بک آهي، شنڪر لال لکيو ته عمران خان جو اعلان ته درست آهي پر چونڊون وقت کان اڳ ڪونه ٿينديون زوهيب لاڙڪ لکيو ته عمران خان هڪ ڊرامي باز اداڪار آهي جيڪو جلدي پنهنجي موقف تان هٽ ڪٽي ويندو، ثناءالله نظاماڻي لکيو ته عمران خان جو بيان غلط آهي ، موجوده اسيمبلين کي مدت پوري ڪرڻ ڪپي، ته جيئن ملڪ ۾ معاشي استحڪام اچي، انقلابي حميد تنيو لکيو ته چونڊو وقت کان اڳ نه ٿينديون. عمران خان سدائين يوٽرن وٺندو آيو آهي، هاڻي به يوٽرن ئي وٺڻو پوندس چونڊون وقت کان اڳ ٿيندي نظر نه پيون اچن. پيشم آسناڻي لکيو ته تاريخ تي تاريخ سڄو ڊرامو آهي عوام کي بيوقوف ڪرڻ جو، مير ڏٽي بخش نصيراڻي لکيو ته ملڪ دشمن عناصر عمران خان کي فورن گرفتار ڪيو وڃي پهريان ڊرٽي واري سياست بعد ۾ خوني مارچ اليڪشن ته ضرور ٿيندي مگر وقت کان اڳ ۾ ڇو ؟ هن خلاف فورن ڪارروائي ڪئي وڃي هي ڪنهن جي آشيرواد سان اهڙا بيان ڏئي پيو الياس سمون لکيو ته پاڪستان کي سياسي معتبرن يتيم ڪري ڇڏيو آهي مڪمل آئوٽ آف ڪنٽرول سسٽم ٿي چڪو آهي هاڻي يا عوام کي اٿڻو پوندو يا تاريخي بحران پيدا ٿي ويندو، سجاد شاهه لکيو ته عمران جو سنو اعلان آهي، امتياز لغاري لکيو ته اعلان تي عمل ٿيندي نظر نٿو اچي، محمد فياض وساڻ لکيو ته صوبائي اسيمبليون 24 ڊسمبر تي ٽٽڻ جو امڪان عام چونڊون مئي ۾ ٿينديون، خميسو آريسر لکيو ته پهرين مخالف ڌر وارن جو مطالبو هوته اليڪشن ڪرايو تڏهن عمران ڪونه مڃيو جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي، نارائڻ داس لکيو ته خيالي پلاءُ آهي ڪجهه نه ٿيندو، وحيد علي رند لکيو ته ملڪ لاءِ اهو بهتر آهي، عبدالسلام جان لکيو ته صحيح ٿو چوي، سجاد جمالي لکيو ته عمران خان سنو ليڊر آهي، خالد محمود به سروي ۾ حصو ورتو، خان دادا به سروي ۾ حصو ورتو، شهمير علي لکيو ته عمران خان جو اعلان ته درست آهي پر چونڊون وقت کان اڳ ڪونه ٿينديون فرحان پناڻ به سروي ۾ حصو ورتو، احمد رند لکيو ته عمران خان کهڙي جلد بازي آهي چونڊون به ٿي ويندون، علي صدام به سروي ۾ حصو ورتو، علي به پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو، زاهد عباس، علي محمد مگريو عبدالغفور راڄپر به سروي ۾ حصو ورتو.

اُپِي اوسِڙان اُس ۾، جهليو ڪُنَّ ڪِنارَ،
گهاٽُو گهرِ نه آئيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ،
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙِي چڙهيا مَڪُڙا.

صحافتي زندگي ۽ پيار ڪهاڻي وارو ناول

دولت ڪتري

ادب جي دنيا ۾ "ناول"منهنجي پنسديده صنف رهي آهي ناول هڪ اهڙي صنف آهي جنهن ۾ اسان جو نوجوان پڙهڻ جي حوالي سان وڏي دلچسپي پڻ وٺندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن وقت سنڌ ۾ ناول لکڻ ۽ پڙهڻ جو لاڙو پڻ تمام گهٽجي ويو آهي ۽ سنڌ ۾ نوجوان ليکڪن پاران سٺا ناول پڻ لکجي رهيا آهن.جيڪا تمام سٺي ڳالهه آهي هڪڙو دور اهو پڻ هوندو هو جڏهن اسان پارا دوست سٺا سٺا ناول پڙهڻ کي ترجيح ڏيندا هئاسين ۽ مني ۾ تر ڪتاب گهر تي جڏهن به وڃڻ ٿيندو هو ته اتي سٺا ڪتاب وٺڻ جي تلاش هوندي هئي. 90ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اسان ٻارائي ادب ۾ لکڻ کي ترجيح ڏيندا هئاسين ته ان دور ۾ اسان موهن ڪلپنا، نجم عباسي، ڪرشن ڪنوائي، امرجليل، طارق عالم ابڙو، نورالهدا شاهه، گل ڪونڌر ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن جون ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهندا هئاسين. انهي دور ۾ ڪتاب پڙهڻ جو هڪ رجحان پڻ هو ماضي توڙي حال ۾ ادب ۾ رومانس جي ڪهاڻي جي حوالي سان تمام گهڻا ناول مارڪيٽ ۾ ايندا رهيا آهن. نجم عباسي جي پيار ڪهاڻي کان پوءِ جڏهن طارق عالم ابڙي جو ناول "رهجي ويل منظر" ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو تڏهن انهي ناول جي ڪهاڻي پلاٽ ڪردار سنڌي ادب ۾ پنهنجي زبردست ڇاپ ڇڏي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا نوجوان ليکڪ انهي ڊڪشن کي قائم رکندي سٺا رومانوي ناول لکندا پيا اچن. انور ابڙو، سليم جمالي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا ناول نگار آهن جن جديد سنڌي ناول نگاري ۾ زبردست ناول ڏنا آهن. هن وقت سنڌ ۾ جتي رومانوي ناول لکجي رهيا آهن اتي سليم جمالي جهڙي ناول نگار اهڙن موضوعن کي ڇهيو آهي جن جو ذڪر ڪرڻ به گناهه ڪبير سمجهيو وڃي ٿو. سنڌي ادب ۾ سليم جمالي جو ٽين جنس تي لکيل "روپوش نگر" هم جنس پرستي تي لکيل ناول "گستاخ محبت" ۽ هن جو ٽيون لکيل ناول "طوائف"اهڙا ناول آهن جن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. ادبي جمود واري ماحول ۾ جڏهن نوجوانن پاران منفرد ۽ ممنوع موضوعن تي ناول لکجي رهيا آهن ته اها تمام بهتر ڳالهه آهي باقي اسان وٽ رومانوي ناول تمام گهڻا لکيا ويا آهن.ماضي ۾ رومانوي ڪهاڻين جو پنهنجو هڪ ڊڪشن هو پر طارق عالم ابڙي جي ناول "رهجي ويل منظر" ڇپجڻ کان پوءِ رومانوي موضوعن تي لکيل ناول جون ڪهاڻيون يونورسٽي ۽ ڪاليج جي رومانس جي اڙگرد گهمن ٿيون. طارق عالم ابڙوجي ناول جي ڊڪشن کي ذهن ۾ رکندي تر جي نوجوان ناول نگار دليپ دوشي لوهاڻو ڪاليج جي زندگي ۽ هڪ صحافي جي زندگي جي پيار ڪهاڻي تي به ناول لکيا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ دليپ دوشي لوهاڻو جو هڪ رومانوي "اڌوري عشق جو الميو" ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي. پيار ڪهاڻي تي مشتمل هن ناول جي ڪهاڻي جا ڪردار پرهه ۽ آڪاش آهن هن ناول جي ڪهاڻي هڪ صحافي جي صحافتي زندگي ۽ پيار ڪهاڻي جي اردگرد گهمي ٿي. هن ناول جي ڪهاڻي ۾ صحافي جون هڪ طرف صحافتي ذميواريون آهن ته ٻئي طرف پيارجا اڙانگا پيچرا آهن. انهن پيار جي پيچرن تي هلندي پرهه ۽ آڪاش جي محبت هن سماج جي رسمن رواجن اڳيان هارائي وڃي ٿي ۽ هنن جي محبت جي پڇا ٿي هڪ منطقي انجام تي پهچي ٿي. دليپ دوشي هن ناول جي ڪهاڻي پلاٽ ۽ ڪردار سان ڀرپور نڀاءُ ڪري ويو آهي. هن جو ناول ڪورواينتي ناهي هن جي لکڻ جو ڏانءُ نرالو آهي .انهي ڪري هن جي ناول جي ڪهاڻي جو ڪٿي تسلسل نٿو ٽٽيءَ شروع کان آخر تائين ناول پڙهڻ ۾ پڙهندڙ وڃائجي ٿو پنهنجي هن ناول ۾ هن هڪ صحافي جي صحافتي زندگي ۽ انهي ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ مشڪلاتن جي هن ڀرپور نموني عڪاسي ڪئي آهي. هن جي ناول جي لکڻي ۾ تخليقي سگهه موجود آهي انهي ڪري هن پنهنجي ناول جي پلاٽ ۾ سماجي اڻ برابرين کي خوبصورت انداز سان فوڪس ڪيو آهي. تر جي هن نوجوان ليکڪ جو هن کان اڳ ڪاليج جي زندگي تي پڻ هڪ ناول "محبت جي تنهائي"ڇپجي چڪو آهي سندس هي ٻيو ناول مارڪيٽ ۾ آيو آهي. هن ناول جو مهاڳ ناميارو ليکڪ شوڪت حسين شورو لکيو جڏهن ته نوجوان ڪهاڻيڪار اختر حفيظ بيڪ ٽائيٽل لکيو آهي.جڏهن ته تر جي بهترين شاعر شنڪر ساگر ۽ نوجوان ليکڪ عنايت الله نهڙيو هن ناول جي فرنٽ ۽ بيڪ فليپ تي پنهنجا تاثر لکيا آهن. هن وقت سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين ۽ ناول نگاري کهڙو موڙ ورتو آهي اهو هڪ الڳ بحث آهي پر هن وقت جيڪي به نوجوان سٺا ناول لکي رهيا آهن انهن جي ضرور همٿ افزائي ٿيڻ گهرجي ۽ انهن کي پذيرائي ملڻ گهرجي. مون کي يقين آهي ته ادب جي دنيا ۾ دليپ دوشي لوهاڻو هڪ سٺي ناول نگار جي حيثيت سان پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ناهي ويندو ۽ مستقبل ۾ هو نوجوانن جو گيت بڻجي سامهون ايندو. ادب جي دنيا ۾ نوجوانن کي اسپيس گهرجي سنڌ جي نوجوانن کي روايتي لکڻ واري سحر کان ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي .انهن نوجوانن کي رهنمائي ۽ پذيرائي ڏيڻ جي ضرورت آهي. هي نوجوان اسان جي سنڌ جو خوبصورت خواب آهن ادب جي دنيا ۾ جيڪي دوست سٺا ناول لکي رهيا آهن انهن کي موقعا فراهم ڪري ڏيڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 01 ***

هاڻي ته ٿيندين. پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ اسان جي حڪومتي اتحاد دهشتگردي خلاف جنگ لاءِ پرعزم آهي. بلاول ڀٽو چيو ته معاشي طور تي پاڪستان لاءِ هي ڏکيو وقت آهي پر وزيراعظم جي معاشي ٽيم ان چيلينج کي منهن ڏئي رهي آهي. دنيا ڏسي رهي آهي ته اسان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون جڏهن ته اسان پنهنجا وسيلا ٻوڏ متاثرن تي خرچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 02 ***

جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو.ايف آءِ اي جوابدار دانيه شاهه کي جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت ۾ پيش ڪيو .عدالت کان جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي .جيڪي عدالت رد ڪندي دانيه شاهه کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو آهي .عدالت چيو ته ايف آءِ اي جيل ۾ جاچ ڪري سگهي ٿي .ان کان اڳ جڏهن ايف آءِ اي عامر لياقت جي وڊيو ليڪ ڪيس ۾ جوڊيشل مجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ جوابدار دانيه شاهه کي پاران پيش ڪيو ويو.ٻڌڻي دوران عدالت چيو ته اسان کي عدالت جي دائري اختيار تي مطمئن ڪيو وڃي .عدالت چيو ته جيڪڏهن واقعو طارق روڊ پرسان ٿيو آهي ته جوابدارن کي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي.عدالت ۾ پراسيڪيوٽر موقف اختيار ڪندي چيو ته سائبر ڪرائم ۽ اليڪٽرانڪ ڏوهن جي قانون تحت ڪوبه دائر اختيار جو ڪو به مسئلو ناهي. عدالت ۾ ايف آءِ اي جي جاچ آفيسر عارف سعيد ٻڌايو ته جوابدار بيڊ روم ۾ وڊيو ٺاهي وائرل ڪئي.جاچ آفيسر عدالت کي استدعا ڪئي ته جوابدار کي ريمانڊ ڏنو وڃي ته جيئن جاچ اڳتي وڌي سگهي، پراسيڪيوٽر چيو ته وڊيو ۾ هر هنڌ ڏٺي وئي آهي ، سائبر قانون موجب عدالت جو دائرو هن عدالت وٽ آهي. عدالت ۾ درخواستگذار عامر لياقت جي ڌي جي وڪيل ضياء اعوان چيو ته جوابدارن جو تعلق گينگ سان آهي، جوابدار اڪيلي ناهي. هن سان گڏ ٻيا به شامل آهن.

بقايا 03 ***

ڊگريون ورتيون جن ۾ 926 بيچلرس، 48 ايم فل ۽ ماسٽرس اسڪالرس جڏهن ته ٽيرنهن پي ايڇ ڊيز پنهنجون ڊگريون حاصل ڪيون. ڪانووڪيشن ۾ 8 شاگردن فئڪلٽي ٽاپ 8 شاگردن ۽ شاگردياڻين بيسٽ گريجوئيٽس ۽ هڪڙي شاگردياڻي کي ڪئمپس ٽاپ ڪرڻ تي گولڊ ميڊل پارايا ويا. گولڊ ميڊل کٽڻ جي مقابلي ۾ ڇوڪرين ڇوڪرن کي مات ڏئي ڇڏي. ڪيميڪل انجنيئرنگ شعبي جي مس اروبا سليم ميمڻ کي گولڊ ميڊل ۽ هڪڙو سلور ميڊل پاڻڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽس اينڊ ڊزائن جي بختاور اسلم مغل کي گولڊ ميڊل ۽ هڪڙو سلور ميڊل پاتو. جڏهن ته انوائرنمينٽل شعبي جي عبدالرئوف خان کي به گولڊ ميڊل ۽ هڪڙو سلور ميڊل پائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪانووڪيشن تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسيمبليون ٽوڙڻ جو اختيار وزيراعلي وٽ هوندو آهي، پر اسيمبلي ٽوڙڻ جو ڪو خاص ۽ مناسب سبب هجڻ گهرجي، اسيمبليون ڪنهن جي خواهش يا انا لاءِ ٽوڙي نه ٿيون سگهجن، اهڙي اَنا ان شخص جي آهي جنهن کي آئيني طور گهر ڀيڙو ڪيو ويو آهي، ڪانووڪيشن کي خطاب ۽ صحافين سان ڳالهين ڪندي سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، اسان ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي سامان آڻيو آهي. ان ۾ گهٽ وڌائي به ٿي سگهي ٿي، مون کي خيرپورناٿن شاهه ۾ ماڻهن چيو ته اسان کي ڪجهه ناهي مليو. پر جڏهن ڊپٽي ڪمشنر آيو ته انهن ئي ماڻهن چيو ته اسان کي سامان مليو آهي. سنڌ حڪومت متاثرن کي نه اڪيلو ڇڏيو آهي ۽ نه ئي هاڻي ڇڏيندي. ٻوڏ متاثرن علائقن مان ڪافي حد تائين پاڻي نيڪال ٿي چڪو آهي. باقي پاڻي نيڪال ليندي ئي ايندڙ مهيني کان گهرن جي اڏاوت شروع ڪرائيندا سين. وڏي وزير چيو ته هاڻوڪي وقت ۾ پاڪستان کي ڪيترائي چيلينج درپيش آهن. ملڪ جي وڏي آبادي ۽ نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي. نوجوانن کي تعليم سان گڏ هنري سکيا ڏيڻ ۽ موقعا پيدا ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. وڏي وزير مهراڻ يونيورسٽي لاءِ سولر سسٽم لڳرائي ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو ته گريجوئيشن واري تقريب ۾ سڏائڻ تي مهراڻ يونيورسٽي انتظاميا جو شڪرگذار آهيان. هتان پاس ٿيندڙ گريجوئيٽس، فيڪلٽي ميمبر ۽ والدين مبارڪباد جا مستحق آهن. انجنيئرجي ناتي هن اداري مان ڊگري ملڻ تي نوجوانن ۽ سندن والدين جي جذبن کان چڱي طرح واقف آهيان. مهراڻ يونيورسٽي پسنديده ۽ معياري تعليم ۾ هڪ رول ماڊل بڻجي چڪي آهي. جلد ئي هن اداري ۾ سولر سسٽم لڳايو ويندو.

بقايا 04 ***

۾ جمع ڪرائڻ جو امڪان آهي. ليگي قيادت وڏي وزير ۽ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سردار سبطين خلاف بي اعتمادي رٺ جمع ڪرائڻ جو گرين سگنل ڏئي ڇڏيو آهي. بي اعتمادي رٺ تي ليگي ميمبرن صحيحون ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن کي تعليم جي اڳوڻي وزير راڻا مشهود احمد خان جي آفيس ۾ گڏ ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پنجاب اسيمبلي جا ليگي ميمبر ٿوري دير ۾ پنجاب اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ وڏي وزير خلاف بي اعتمادي رٺ جمع ڪرائيندا.مسلم ليگ(ن) بي اعتمادي رٺ جمع ڪرائڻ لاءِ اسيمبلي سيڪريٽريٽ سان رابطن جون ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 05 ***

۽ چيني فوج جي جهڙپ کي ڏسندي اها ڳالهه ڪئي. هن چيو ته ڀارت چين طرفان جنگ جي خطرن کي نظرانداز ڪري رهيو آهي. چين جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي ۽ ڀارتي حڪومت ان خطري کي نظرانداز ڪري ننڊ ۾ آهي.

بقايا 06 ***

هڪ ڀيرو ٻيهر تبديلي جو سفر شروع ٿي چڪو آهي، سنڌ ۾ به زرداري مافيا کي به شڪست ڏينداسين. سنڌ ۾ هن وقت پي ٽي آءِ جا 26 اسيمبلي ميمبر آهن. انهن سڀني استعيفيٰ پارلياماني ليڊر وٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. خان صاحب جي حڪم جو انتظار ڪري رهيا آهيون. حڪم اينڊي ئي بنا دير استعيفيٰ ڏينداسين. هن چيو ته سنڌ جي تاريخي اسيمبلي کي پيپلزپارٽي ڪرپشن بچائڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ ڪرپشن جي خاتمي جي نگراني لاءِ پنهنجا ماڻهو به مقرر ڪيا ويا. سنڌ جي ڪنهن به اڪائونٽ ڪميٽي ۾ مخالف ڌر کي نمائندگي نه ڏني وئي آهي. ڪرپشن به پاڻ ڪن ۽ نگراني به پاڻ ڪري رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته عمران خان جو منشور عوام جي ڀلائي آهي. هن ڀيري سڄي ملڪ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت اچڻ واري آهي. گهڻو ڪجهه تبديل ٿيڻ وارو آهي. 12 پارٽين جي ڪريٽ ٽولي کي شڪست نصيب ۾ لکيل آهي.

بقايا 07 ***

انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفن ۾ گهٽتائي خلاف ڪڍڻ فقيرن ڪڪريون ٻڌجي احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاج ڪندڙ ٽرانسجينڊرز جو چوڻ هو ته حڪومت اسان جو وظيفو 12 هزار مان گهٽائي 7 هزار ڪيو آهي. مظاهرين بينظير انڪم سپورٽ جي چيئرمين شازيه مري کي اپيل ڪندي چيو ته سمورن ڪڍڻ فقيرن کي رجسٽرڊ ڪري وظيفو ڏنو وڃي.

بقايا 08 ***

رکي ريلين ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي وڃي . اهڙو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرينز جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ۽ غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير شازيه عطا مري ۽ سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ آرڪائيوز ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. شازيه عطا مري چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عالمي فورمن تي انصاف جي لاءِ اثرائتي وڪالت ڪئي ۽ سندن اڻٿڪ ڪوشش سبب پاڪستان کي ڪاميابي حاصل ٿي. اها ڪاميابي پاڪستان جي نه پر پوري دنيا ۾ موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ٿيل ملڪن جي ڪاميابي آهي. جنهن کي دنيا تسليم ڪيو آهي. هن وقت به چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو ڪيس عالمي سطح تي آمريڪا ۾ رکي رهيو آهي. ان دوران ڀارت جي وزير خارجه جي شنڪر فضول بيان ڏنو جنهن تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيس ڀرپور جواب ڏنو آهي. هن چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري نفرت آميز پروپيگنڊا جو جواب ڏنو آهي. اسان چاهيون ٿا ته ڪيئن جواب ڏنو وڃي. پاڪستان چماٽ جو جواب ٻئي ڳل تي چماٽ سان ڏيندو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه ڀاڙيسرين سان بهتر لاڳاپن جي ڳالهه ڪئي آهي. جنهن ڪري پاڪستان اندر اسان تي تنقيد ڪئي وئي. پيپلز پارٽي هميشه ڏکڻ ايشيا ۾ يورپي يونين جي طرز تي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي حڪومتي دورن امن . دوستي ۽ ڀائيچاري جي ڳالهه ڪئي پر هندستان ۾ موجوده حڪومت صرف نفرت جي ڳالهه ڪري رهي آهي. مودي حڪومت هندوتا جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي. جيڪا هندستان جي نمائنده پارٽي ناهي. هن چيو ته اسان پڙهندا هئاسين ته ڀارت سيڪيولر ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت آهي پر مودي حڪومت هندستان ۾ مسلمانن. هندن جي ذيلي ذاتن ۽ دلتن کي نشاني تي رکيو آهي. شازيه عطا مري چيو ته پاڪستاني قوم هڪ آهي. هو ڪشمير جي مسئلي تي به هڪ آهي.اڄ به جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته پاڪستان کي برو پلو ڪندي پاڪستان کي دهشتگرد ڇٽي نڪرندا ايئن نه ٿيندو. جيڪڏهن تون چماٽ وهائيندين ته تو کي چماٽ به لڳندي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جي شرافت کي اسان جي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. پاڪستان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاران ڏنل ائٽمي ملڪ آهي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏيءِ ڪشمير جو ڪيس وڙهيو. پاڪستان لاءِ ڪشمير هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو 1947ع ۾ حل ٿيڻ گهرجي ها اهو حل نه ٿيو آهي پر مودي سرڪار ان کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته مودي حڪومت ۾ انساني حق نه آهن ئي ڪونه. شازيه عطا مري چيو ته مودي سڀ کان وڏو فاشسٽ ليڊر آهي ۽ اڄ اتي ڪانگريس احتجاج ڪري رهي آهي. اهي اسان کي چا ٿا ٻڌائن هي جماعت جو معاملو نه آهي. سموري پاڪستان جو معاملوآهي سمورن پاڪستانين کي يڪجهتي جي اظهار لاءِ گڏجي ٻيهڻو پوندو. اسان دهشتگرد نه آهيون پر اسان دهشتگردي خلاف پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو آهي. آرمي پبلڪ اسڪول جو سانحو ۽ اسان شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي قرباني ڏني آهي. اسان چاهيون ٿا ته بلاول ڀٽو زرداري محفوظ رهي. هو مودي جهڙي وزيراعظم کي به چيلينج ڪري سگهي ٿو. جتي به انساني حقن جي ڀڃڪڙي ٿيندي اتي اسين بيهنداسين. يڪجهتي جو اظهار ڪنداسين.

بقايا 09 ***

7 رپيا سستي ڪرڻ جي درخواست موڪلي آهي. جڏهن ته ڊسڪوز في يونٽ بجلي 19 پئسا سستي ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي. ٻڌائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته ڪي اليڪٽرڪ ۽ ڊسڪوز جي درخواستن تي ٻڌڻي 27 نومبر تي ٿيندي.

بقايا 10 ***

بلوچ کي ٻن ڪيسن مان آجو ڪري ڇڏيو. جڏهن ته شريڪ جوابدار شاهد کي هڪ ڪيس ۾ بري ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته عذير بلوچ ۽ ٻين تي پوليس سان مقابلن. قتل جي قدمن ۽ ڌماڪيدار مواد رکڻ جا الزام هئا.

بقايا 11 ***

چونڊن تائين مقرري ۽ بدلي نٿي ٿي سگهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته 14 ڊسمبر تي بلديا عظميٰ چئن آفيسرن جي ٽرانسفر پوسٽنگ ڪئي، ٽرانسفر ٿيندڙن ۾ 19هين گريڊ جا 3 ۽ 18هين گريڊ جو هڪ آفيسر شامل آهي ۽ چئني جي ٽرانسفر پوسٽنگ ضابطن جي خلاف آهي. خط موجب مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو مڪمل ٿيڻ تائين ٽرانسفر پوسٽنگ روڪي وڃي. واضح رهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري 2023 ۾ ٿينديون.

بقايا 12 ***

اهلڪارن سان گڏ ويهي هٿيارن سان ٽڪ ٽاڪ وڊيوز ٺاهيون. جيڪي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون. جنهن جو نوٽيس ورتو ويو. عوامي ڪالوني ٿاڻي جي ايس ايڇ او جمال لغاري اعليٰ اختيارين جي هدايت تي فوري طور ڪارروائي ڪندي بلال ۽ ڪاشف کي گرفتار ڪري ورتو ٻنهي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته گڏ ويٺل پوليس اهلڪارن خلاف به ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي.

بقايا 13 ***

ڪندي چيو آهي ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هڪ جملي ڀارتي وزيراعظم کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. دنيا جو وزير ۽ هاڻي مودي ۽ سندس حواري لکين وضاحتون ڏيڻ جي باوجود سچ لڪائي نٿا سگهن. پنهنجي هڪ بيان ۾ سينيٽر وقار مهدي چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيڪو ڪجهه چيو آهي اهو نه رڳو پاڪستانين ۽ ڪشميرين جو موقف آهي پر امت مسلمه ۽ ڀارتي مسلمانن جي دل جو آواز آهي. هن چيو ته جڏهن کان فتنو ڦهلائيندڙ مودي اقتدار ۾ آيو آهي. هندستان ۾ مسلمانن سميت سمورين اقليتن مصيبت ۾ زندگي بسر ڪري رهيون آهن. سينيٽر وقار مهدي چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هڪ جملي مودي ۽ ڀارتي فنديد پاڪستان ۾ رهندڙ يوٿين کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته جيڪي ڪالهه ڪلبوشن جا سفير بڻجي ويا اهي به مودي جا وڪيل آهن. سينيٽر وقار مهدي چيو ته پاڪستان ۽ ڪشمير جو مضبوط ڪيس دنيا آڏو رکڻ ۽ مودي کي بي نقاب ڪرڻ تي آءٌ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هن چيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ٿي ويو آهي ته عالمي سطح تي پاڪستان ۽ ڪشمير ڪاز جي مضبوط ۽ نتيجه خيز وڪالت صرف ڪو ڀٽو ئي ڪري سگهي ٿو پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي اعلان ڪيو ته پارٽي جي صوبائي تنظيم اڄرتي ڪراچي سميت سموري صوبي ۾ بي جي بي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خلاف گهٽا لفظ ڳالهائڻ تي احتجاجي مظاهرا ڪندي. هن چيو ته جيالا سياڻي دنيا کي ٻڌائيندا ته هو پنهنجي ملڪ ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خلاف ڪنهن به قسم جي مهم کي ڪنهن به قيمت تي برداشت نه ڪندا.

بقايا 14 ***

۾ مودي جي چوڻ تي ٽرينن کي باهه ڏني وئي، پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروائين جا پيرا ڀارت ڏانهن وڃن ٿا. هن چيو ته ڪشميرين جي جسم تي پيلٽ گنز جا نشان هاڻ به موجود آهن. ڪشمير ۾ تاريخ جو سڀ کان ڊگهو ڪرفيو هنيو ويو نريندر مودي وزيراعظم بڻجڻ کانپوءِ اقليتن سان ظلم ڪيو سندس موجب بلاول چيو ته مودي جي چوڻ تي مسلمانن جو قتل عام ڪيو ويو. ان بيان تي ڀارت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي. بلاول ڀٽوجي حمايت ۾ ريلي ۾ سياڻي سڀني شهرين کي شريڪ ٿيڻ گهرجي، سڄو پاڪستان پرڏيهي وزيرجي حمايت ۾ نڪري دنيا کي پيغام ڏئي ته پاڪستان دهشتگردي جي خلاف آهي. اسان سڀ ڪشمير ۽ پاڪستان جي ايشو تي گڏ آهيون.

بقايا 15 ***

سردار حسنين دريشڪ پنهنجي استعيفيٰ وڏي وزير کي موڪلي ڇڏي آهي جنهن جي هن به تصديق ڪئي آهي. ذريعن موجب گذريل ڏينهن ڪابينا جي اجلاس ۾ حسنين بهادر خاصخيلي جي پنجاب جي وڏي وزير سان تلخ ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن تي صوبائي وزير احتجاج ڪندي ڪابينا اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪابينا اجلاس ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي وزيرن ڳالهائڻ چاهيو. پر وڏي وزير چيو ته مان ڪابينا جو اجلاس نظم وضبط سان هلائيندس. هڪ وقت ۾ هڪ ئي وزير ڳالهائي سگهي ٿو وڏي وزيرجي هدايتن باوجود صدر حسنين بهادر گفتگو جاري رکي. ذريعن موجب جڏهن وڏي وزير اجازت ڪانسواءِ ڳالهين ۾ وقفو ڪير ته صوبائي وزير ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ استعيفيٰ ڏيڻ جي ڌمڪي ڏيندي اجلاس مان روانو ٿي ويو.

بقايا 16 ***

لاءِ ريلين ۽ مظاهرا ڪرڻ جو اعلان. اهڙو اعلان پي پي پي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙي پاران ڪيو ويو آهي. پنهنجي جاري ڪيل پاليسي بيان ۾ نثار کهڙو چيو آهي ته پيپلزپارٽي سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي هر ضلعي ۾ ريلين ۽ مظاهرا ڪندي پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ وزير خارجه بلاول ڀٽوزرداري سان اظهار يڪجهتي ڪندي. هن چيو ته سنڌ جي هرضلعي ۾ مودي سرڪار ۽ بي جي پي پاران پاڪستان ۽ بلاول ڀٽوزرداري بابت پروپيگنڊه جي خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو. هن چيو ته مودي سرڪار جي پاڪستان خلاف پروپيگنڊه جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۽ بلاول ڀٽو زرداري بابت پروپيگنڊه کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين ان ڪري بي جي پي ۽ مودي سرڪار پنهنجي پروپيگنڊه کي بند ڪري. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري اقوام متحده ۾ مودي سرڪار کي حقيقت تي ٻڌل آئينو ڏيکاريو آهي جنهن کان پوءِ ڀارت جو اصل چهرو پوري دنيا سامهون بي نقاب ٿي ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽوزرداري کان معافي جو مطالبو ڪندڙ ۽ پاڪستان خلاف نعرا هڻندڙ بي جي پي کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته ڀارت ۾ دهشتگردن کي معافي ڏيڻ ۽ ڪشمير ۾ مسلمانن جو قتل عام ڪرڻ واري مودي سرڪار اقوام متحده جي پليٽ فارم تان معافي گهري ۽ پنهنجي بربريت جو جواب ڏئي. هن چيو ته بلاول ڀٽوزرداري جي ڪشمير ۽ ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي بابت ڪليل موقف سان بي جي پي ۽ مودي سرڪار جون رڙيون نڪريون ويون آهن ۽ پاڪستان جو عوام ملڪ ۽ وزير خارجه بابت پروپيگنڊه تي خاموش نه ويهندو.

بقايا 17 ***

آهي. برطانوي خابرو اداري موجب اها رقم صدر بائيڊن جي تجويز ڪيل دفاعي بجيت جي رقم کان 45ارب ڊالر وڌيڪ آهي جڏهن ته اها فوج لاءِ لازمي ڪووڊ ويڪسين جي مينڊيٽ کي به رد ڪري ٿي.خميس تي پيش ٿيڻ واري هن بل يا نيشنل ڊفينس اٿارائيزيشن ايڪٽ جي حمايت ۾ 83 ميمبرن ووٽ ڏنو جڏهن ته 11 ميمبرن مخالفت ۾ ووٽ ڏنو بل ۾ مالي سال 2023ع لاءِ 858 ارب ڊالرن جي فوجي خرچن جي منظوري ڏني وئي آهي. جنهن ۾ فوجي پگهارن ۾ 4.6 سيڪڙو اضافو هٿيارن، جهازن ۽ جنگي جهازن جي مد ۾ تائيوان ۽ يوڪرين جي مالي مدد کي به خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. آمريڪي ڪانگريس 1961ع کان وٺي هر سال هي بل پاس ڪندي آهي. جنهن تي صدر دستخط ڪري قانون ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. سينيٽ جي آرمڊ سروسز ڪميٽي جي اڳواڻ ريپبلڪن سينيٽر جيمس انهوفي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته "هي اسان جو سڀ کان اهم بل آهي. بل ايندڙ سال يوڪرين کي گهٽ ۾ گهٽ 800 ملين ڊالرن جي اضافي سيڪيورٽي امداد فراهم ڪندو ۽ چين سان ڇڪتاڻ جي وچ ۾ تائيوان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيترائي دفعا شامل ڪندو. جنهن ۾ تائيوان کي اربين ڊالرن جي امداد به شامل هوندي.بل ۾ هائپرسونڪ هٿيارن کي ترقي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ فنڊ مختص ڪيا ويا آهن. هوائي ۾ ريڊ هيل بلڪ فيول اسٽوريج جي سهولت کي بند ڪرڻ ۽ هٿيارن جي نظام جي خريداري سميت لاڪ هيڊ مارٽن ڪورپ جي F_35 فائٽرجهازن ۽ جهازن کي جنرل ڊائنامڪس پاران تيار ڪيو ويو آهي. آمريڪا جي دفاعي پاليسين لاءِ آمريڪا جي دفاعي بجيت کي ساليانو بنيادن تي پاس ڪيو وڃي. ريپبلڪن . جن دليل ڏنو آهي ته مختلف قدمن کي روڪڻ لاءِ ڪووڊ _19 ذاتي آزادين جي خلاف ورزي ڪي . بل جي مخالفت ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي جيستائين مينڊيٽ کي ختم نه ڪيو وڃي. بل جي خلاف ووٽ ڏيڻ وارن ۾ لبرل هئا. جيڪي مسلسل وڌندڙ دفاعي بجيت تي اعتراض ڪن ٿا. جڏهن ته اقتصادي قدامت پسند جيڪي خرچن ۾ ڪٽ جي حمايت ڪن ٿا انهن بل جي مخالفت ڪئي ڪو به ووٽ لبرلز جي ميلاپ مان نه آيو جيڪي ڪڏهن به وڌندڙ فوجي بجيت ۽ مالي قدامت پسندن تي اعتراض ڪن ٿا جيڪي خرچن تي سخت ڪنٽرول چاهين ٿا. گذريل هفتي آمريڪي ايوان نمائندگان ۽ هاڻي سينيٽ مان پاس ٿيڻ کان پوءِ. بل جي ايندڙ منزل وائيٽ هائوس آهي. جتي صدر ان بل کي قانون ۾ تبديل ڪندو.

بقايا 18 ***

شهباز شريف جي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ عمران خان کي ڪاپيون ڏئي.عمران خان جواب ڏيڻ بدران اعتراض داخل ڪيا. جنهن تي ٽرائل ڪورٽ اعتراض رد ڪندي عمران خان کي جواب ڏيڻ جي هدايت ڪئي.عدالت پنهنجي فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ته عمران خان اڃا تائين جواب داخل نه ڪرايو. جنهن تي ٽرائل ڪورٽ سندس دفاع جو حق ختم ڪري ڇڏيو. ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو درست هو.

بقايا 19 ***

۾ خونريزي، ريپ ۽ ڦرلٽ شرمناڪ واقعا آهن. حقيقت اها آهي ته گجرات ۾ قتل عام ۾ ملوث ماڻهو عدالتي فيصلن کان بچي ويا.پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب گجرات سانحي ۾ ملوث ماڻهو ڀارتي حڪومت ۾ اهم عهدن تي ويٺل آهن ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽوزرداري گڏيل قومن جي اجلاس ۾ چيو هو ته اسامه بن لادن مري چڪو آهي پر گجرات جو قصاب جيئرو آهي ۽ ڀارت جو وزيراعظم بڻجي ويو آهي.

بقايا 20 ***

خطاب ڪندي ڪيو. تقريب جو اهتمام سنڌ سيڪريٽريٽ نان گزيٽيڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن (سينوا) طرفان ڪيو ويو سينوا پاران هر سال سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ جشن لطيف ملهايو ويندو آهي. تقريب ۾ سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن محمد حنيف چنا، صدر سينوا نظر حسين جلالاڻي ۽ ٻين ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت وڌيڪ چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي هر فرقي ۽ هر مذهب جا ماڻهو اچي حاضري ڀري سڪون محسوس ڪندا آهن.

بقايا 21 ***

ن جي عوامي خدمتون ڪنهن کان لڪيل ناهن. ملڪ کي درپيش مشڪلاتن مان نجات ڏيارڻ لاءِ وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ ٻيا وزير ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهارهن يوسي رابطه ڪاميٽي ۾ ميٽنگ بعد يوسي جي عهديدارن ۽ يوسي جي رهواسين سان ڳالهائڻ دوران ڪيو.هن وڌيڪ چيو ته علائقي جي اهم ۽ ٻرائو مسئلو تعليم ۽ صحت آهي جنهن کان علائقو بي بس ۽ لاچار بڻيل آهي.هن چيو ته 4لک آبادي واري يوسي ۾ سهولتون فراهم نه ڪرڻ اتان جي رهواسين سان ظلم ۽ زيادتي کان سواءِ ڪجهه نه آهي، ان موقعي تي پي ايم ايل اڳواڻ زبير ٻٽ علائقي واسين کي يقين ڏياريو ته پاڪستان مسلم ليگ ن نه اڳ ڪڏهن عوام کي اڪيلو ڇڏيو آهي ۽ نه هي هاڻي ڇڏيندي، تمام جلد علائقي واسين جا مسئلا حل ڪيا ويندا.

بقايا 22 ***

اڳ گڏيل قومن ۾ ڀارتي پرڏيهي وزير جئي شنڪر پاڪستان تي دهشتگردي جو سلسلو جاري رکڻ ۽ اسامه بن لادن کي پناهه ڏيڻ جو الزام هنيو هو بلاول ڀٽو زرداري ڀارتي پرڏيهي وزيرجي الزامن تي چيو ته مان جئي شنڪر کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اسامه بن لادن مري چڪو آهي پر گجرات جو ڪاسائي جيئرو آهي ۽ ڀارت جو وزيراعظم آهي. بلاول جي ان بيان تي ڀارت ۾ ٽرٿلو مچي ويو. بي جي پي ڪارڪنن نئين دهلي ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن ٻاهران احتجاج ڪيو ۽ ڀارتي حڪومت به بلاول جي ريمارڪس تي سخت تنقيد ڪئي. ان حوالي سان پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي بيان تي ڀارتي ردعمل وڌندڙ مايوسي جي عڪاسي آهي. سندس موجب حقيقت اها آهي ته گجرات قتل عام جا ماسٽر مائينڊ انصاف کان بچي ويا آهن ۽ هاڻ ڀارت ۾ اهم سرڪاري عهدن تي آهن.

بقايا 23 ***

تائين ملتوي ٿي وئي. ام رباب چيو آهي ته ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو جوابدارن سان گڏجي منهنجي والد. چاچي ۽ ڏاڏي جي قتل جي منصوبابندي ڪئي. ڪيس جي شاهدن کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. سندن حياتين کي خطرو آهي. اسان تڪجڻ وارا نه آهيون. سردار چانڊيو چيو ته اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر فريادي ڌر جو وڪيل نه آيو. اسان چاهيون ٿا ته ڪيس تڪڙو هلايو وڃي.فريادي ڌر کي 5 سال اڳ ايس ايڇ او چو ياد نه آيو. فريادي ڌر اڳوڻي ايس ايڇ او کي نامزد ڪرڻ لاءِ 5 سالن کانپوءِ جاڳي آهي

بقايا 24 ***

تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪا آهيون. سنڌ ۾ پيل برساتن ۽ سيلاب سبب اربين روپين جو فصل تباهه ٿي ويو آهي. سنڌ جا حڪمران مورجن ۾ ويٺل آهن. خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا تائين برسات جو پاڻي بيٺل آهي. مليريا گيسٽرو جي بيمارين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن جي نالي تي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي. سموري صورتحال دوران مظلوم عوام سان پي ٽي آءِ گڏ بيٺل آهي، خيرپور ضلعي جي تعلقي نري ميرواهه ۾ اڄ به برسات جو پاڻي بيٺل آهي. 70 سيڪڙو علائقا اڃا به پاڻي هيٺ آهن. انتظاميا جي نااهلي سبب پاڻي نيڪال ناهي ٿي رهيو. عوام بي يارو مددگار ويٺل آهي. هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته برسات ۽ سيلاب متاثرن جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 25 ***

اعتراض جوڳيون وڊيوز وائرل ڪرڻ جو الزام آهي. جاچ آفيسر عدالت کان جوابدار جي جسماني ريمانڊ گذارش ڪئي جنهن تي عدالت فيصلو محفوظ ڪيو.جيڪو ڪجهه بعد ٻڌائيندي پوليس کي جوابدار جي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت چيو ته جنهن ٿاڻي جي حدن ۾ وڊيوز رڪارڊ ٿيون جوابدار دانيه کي اتان جي ئي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. پوليس هاڻي جوابدار دانيه شاهه کي سياڻي جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت ۾ پيش ڪندي.

بقايا 26 ***

نيٽ ورڪ پاران ايف نائين پارڪ جي وڻن سان ڍڪيل ساوڪ پوش هنڌ تي ثقافتي رنگا رنگ پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ سنڌي عورتون پارڙا سنڌي ويس وڳا پهري شريڪ ٿيا ان کان علاوه ٻين ڪميونٽيز جي عورتن پڻ شرڪت ڪئي ۽ سنڌي ثقافت موسيقي مان ڀرپور لطف ماڻيو.

بقايا 27 ***

ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 11 ڊالر وڌڻ کانپوءِ 1793 ڊالرفي اونس تي ويو عالمي مارڪيٽ ۾ واڌ جو اثر مقامي مارڪيٽ تي به پيو ڇنڇر ڏينهن پاڪستان ۾ في تولو سون 800 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 72 هزار 700 رپين جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو اهڙي ريت 10 گرام سون 686 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 48 هزار 62 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 28 ***

صورتحال جي شڪل اختيار ڪئي آهي. تقل 650,000 حامل عورتون زچگي جي سهولتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيون آهن. جڏهن ته لڳ ڀڳ 4 ملين ٻار صحت جي سهولتن تائين رسائي کان محروم آهن. پاڪستان وڃڙندڙ بيمارين جهڙوڪ ايڪٽ اسهرا، ڪالرا، مليريا ۽ ڊينگي ۾ ڪافي اضافو ٿي رهيو آهي. صحت جي سروس جي ترسيل ۾ رڪاوٽن غريبن ۽ پسمانده ماڻهن لاءِ صحت جي اڻ برابري کي وڌايو آهي. صحت جون بهتر سهولتون ٻوڏ متاثرين جي در تي پهچائڻ لاءِ سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن ۽ الائيٽ سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن خاص ڪري شڪارپور ۽ خيرپور جي ضلعن ۾ صحت ۽ غذائيت جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن. هن ڪم جو دائرو ٽن ڳوٺاڻن صحت مرڪزن ۾ صحت ۽ غذائيت جي خدمتن جي فراهمي ۾ تعاون ڪرڻ آهي. يعني RHCچڪ، RHCميان جوڳوٺ ضلعو شڪارپور ۽ RHCعطا محمد حامي ضلعو خيرپور. سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن الائيٽ پاڪستان جي مدد سان انهن ڳوٺاڻن صحت جي مرڪزن ۾ ليڊي ڊاڪٽرز، ڪميونٽي مڊوائيف، ٽيڪنيشن رکيا آهن جيئن هو ٻوڏ متاثر ماڻهن کي صحت جو بهتر صحولتون ڏئي سگهن. ان مسلي ۾ مفت دوائن ڏيڻ جي هڪ تقريب رورل هيلٿ سينٽر عطا محمد حامي ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران دوائون مهيا ڪيو ويون. هن تقريب جو مهمان خاص ڊي ايڇ او خيرپور ڊاڪٽر رحمت الله سولنگي هئا. جاويد سولنگي پروجيڪٽ ڪورآڊينيٽر سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران ايم ايس. آر ايڇ سي ڊاڪٽر نصير احمد سوهو کي دوائون ڏنيو ويون. ٻين مهمانن ۾ ڊاڪٽر رضوان فوڪل پرسن ڊي ايڇ او خيرپور، صابر خان يوسفزئي ريجنل پروگرام ڪوآرڊينيٽر سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن موجود هئا.

بقايا 29 ***

۾ اسپيڪر سامهون پيهي استعيفيٰ منظور ڪرڻ جو چوندا سين. لبرٽي چوڪ تي جلسي سان وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي عمران خان چيو ته خوف آهي ته شفاف چونڊون نه ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ ٻڏي ويندو. 50 سالن ۾ اڄ سڀ کان وڌيڪ مهانگائي آهي. 30 سالن کان جيڪي ملڪ لٽي رهيا هئا انهن کي مٿان ويهاريو ويو. چورن جو ٽولو ملڪ تباهه ڪري رهيو آهي. هن چيو منهنجو سوال آهي ته رحيم جينج جو ذميوار ڪير آهي؟ جڏهن معيشت مٿي وڃي رهي هئي ته چورن کي ڪنهن ويهاريو؟ انهن وٽ ڪو روڊ ميپ ناهي. چاهين ٿا ته چونڊون ملتوي ٿين. انهن کي شڪست جو خوف آهي. سندس چوڻ هو ته بدديانت اليڪشن ڪمشنر انهن سان مليل آهي. لڳي ٿو ته اهي آڪٽوبر ۾ به چونڊون نه ڪرائيندا. چيف اليڪشن ڪمشنر کي طريقا ٻڌائيندا ته ڪيئن دير ڪجي. انهن کي ملڪ جي ڪٿني ناهي. انهن جو پئسو ٻاهر پيو آهي. انهن تي ڪا ڏکيائي ايندي آهي ته ٻاهر ڀڄي ويندا آهن. عمران خان هڪ ڀيرو ٻيهر الزام هنيو ته حڪومت ڪيرائڻ جو هڪ شخص ذميوار

آهي، اهو جنرل (ر) قمر جاويد باجوا آهي. هو آرمي چيف هو. تڏهن ان خلاف نه ڳالهائيندو هيس. اسان جي ڪوشش آهي ته فوج مضبوط ٿئي پر ان وقت جي آرمي چيف اسان کي هٽائڻ جو فيصلو ڪيو هو. باجوا ٻاهرين سازش جو حصو بڻجي اسان جي حڪومت ڪيرائي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته مون کي چيو ويندو هو توهان ڪرپشن جي ڳڻتي نه ڪيو معيشت تي ڌيان ڏيو. ڪنهن مهذب معاشري ۾ ڪرپشن ڪندڙ کي ڇوٽ ڏني ويندي آهي؟ چين چريو آهي. جنهن ڪريٽ ماڻهن کي ٽنگي ڇڏيو پنهنجي ماڻهن کي غربت مان ڪڍيو ۽ ملڪ کي معاشي طاقت بڻايو هن سوال ڪيو ته ڇا مان ملڪ جو دشمن آهيان جو منهنجو گهر ۽ فون ٽيپ ڪئي وئي. منهنجي پرنسپل سيڪريٽري سان گفتگو ليڪ ڪئي وئي ۽ آڊيوز کي سامهون آندو ويو. جڏهن ته اعظم سواتي جي گهر به وڊيو موڪلي وئي. سندس چوڻ هو ته قوم کي مايوس ٿيڻ ۽ پاڪستان کي هن حالت ۾ ڇڏڻ جي ضرورت ناهي. توهان کي هن وقت بيهڻو آهي ۽ اسان گڏجي ملڪ کي سڀني مسئلن مان ڪڍنداسين.

بقايا 30 ***

رکي ريلين ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي وڃي . اهڙو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرينز جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ۽ غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير شازيه عطا مري ۽ سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ آرڪائيوز ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. شازيه عطا مري چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عالمي فورمن تي انصاف جي لاءِ اثرائتي وڪالت ڪئي ۽ سندن اڻٿڪ ڪوشش سبب پاڪستان کي ڪاميابي حاصل ٿي. اها ڪاميابي پاڪستان جي نه پر پوري دنيا ۾ موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ٿيل ملڪن جي ڪاميابي آهي. جنهن کي دنيا تسليم ڪيو آهي. هن وقت به چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو ڪيس عالمي سطح تي آمريڪا ۾ رکي رهيو آهي. ان دوران ڀارت جي وزير خارجه جي شنڪر فضول بيان ڏنو جنهن تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيس ڀرپور جواب ڏنو آهي. هن چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري نفرت آميز پروپيگنڊا جو جواب ڏنو آهي. اسان چاهيون ٿا ته ڪيئن جواب ڏنو وڃي. پاڪستان چماٽ جو جواب ٻئي ڳل تي چماٽ سان ڏيندو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه ڀاڙيسرين سان بهتر لاڳاپن جي ڳالهه ڪئي آهي. جنهن ڪري پاڪستان اندر اسان تي تنقيد ڪئي وئي. پيپلز پارٽي هميشه ڏکڻ ايشيا ۾ يورپي يونين جي طرز تي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي حڪومتي دورن امن . دوستي ۽ ڀائيچاري جي ڳالهه ڪئي پر هندستان ۾ موجوده حڪومت صرف نفرت جي ڳالهه ڪري رهي آهي. مودي حڪومت هندوتا جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي. جيڪا هندستان جي نمائنده پارٽي ناهي. هن چيو ته اسان پڙهندا هئاسين ته ڀارت سيڪيولر ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت آهي پر مودي حڪومت هندستان ۾ مسلمانن. هندن جي ذيلي ذاتن ۽ دلتن کي نشاني تي رکيو آهي. شازيه عطا مري چيو ته پاڪستاني قوم هڪ آهي. هو ڪشمير جي مسئلي تي به هڪ آهي.اڄ به جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته پاڪستان کي برو پلو ڪندي پاڪستان کي دهشتگرد ڇٽي نڪرندا ايئن نه ٿيندو. جيڪڏهن تون چماٽ وهائيندين ته تو کي چماٽ به لڳندي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جي شرافت کي اسان جي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. پاڪستان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاران ڏنل ائٽمي ملڪ آهي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏيءِ ڪشمير جو ڪيس وڙهيو. پاڪستان لاءِ ڪشمير هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو 1947ع ۾ حل ٿيڻ گهرجي ها اهو حل نه ٿيو آهي پر مودي سرڪار ان کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته مودي حڪومت ۾ انساني حق نه آهن ئي ڪونه. شازيه عطا مري چيو ته مودي سڀ کان وڏو فاشسٽ ليڊر آهي ۽ اڄ اتي ڪانگريس احتجاج ڪري رهي آهي. اهي اسان کي چا ٿا ٻڌائن هي جماعت جو معاملو نه آهي. سموري پاڪستان جو معاملوآهي سمورن پاڪستانين کي يڪجهتي جي اظهار لاءِ گڏجي ٻيهڻو پوندو. اسان دهشتگرد نه آهيون پر اسان دهشتگردي خلاف پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو آهي. آرمي پبلڪ اسڪول جو سانحو ۽ اسان شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي قرباني ڏني آهي. اسان چاهيون ٿا ته بلاول ڀٽو زرداري محفوظ رهي. هو مودي جهڙي وزيراعظم کي به چيلينج ڪري سگهي ٿو. جتي به انساني حقن جي ڀڃڪڙي ٿيندي اتي اسين بيهنداسين. يڪجهتي جو اظهار ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 01

نوهڙيو اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ماجد الطاف اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي ڊاڪٽر عظيم خواجه سڪندر وسان ڊاڪٽر رجنيش سهيل رانوڙ ۽ ٻين چيو ته برساتن ۽ ٻوڏ جي تباهه ڪارين سموري سنڌ کي متاثر ڪيو آهي اتي ضلعو بدين پڻ متاثر ٿيو آهي هن چيو ته مشڪل جي هن گهڙي ۾ صحت کاتو پنهنجي پوليو ورڪرن سان گڏ آهي صحت جون سهولتون عوام تائين پهچائڻ ۾ هيلٿ ورڪرن جو اهم ڪردار آهي هي ورڪر موسم جي سختين کي منهن ڏيندي سيارو هجي يا اونهارو پنهنجو فرض ايمانداري سان ادا ڪري رهيا آهن اهي ورڪر صحت کاتي جو اهم ٿمب آهن انهن ورڪرن جي ڪوشش جو نتيجو آهي جو اسان پوليو جهڙي خطرناڪ وائرس سان مقابلو ڪري رهيا آهيون هنن پوليو ورڪرن کي پوليو مهم سان گڏو گڏ حفاظتي ٽڪن ۽ پوليو مهم دوران پنهنجن علائقن ۾ بيمار ٻارڙن متعلق ڄاڻ (اي ايف پي سرويلينس) کي وڌيڪ توجه ڏيڻ لاءِ پڻ هدايت ڪئي تقريب ۾ ضلعي بدين جي 95 پوليو هيلٿ ورڪرن ۾ 23 لک 37 هزار 5 سو روپين جا چيڪ ورهايا ويا

بقايا سنڌيار 02

56 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ مرزا گروپ جي اڳواڻن سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي، مرحوم کي مصري شاه جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 03

ويو جنهن ۾ ميمبر سنڌ اسيمبلي غلام قادر چانڊيو ۽ ريفارم سپورٽ يونٽ اسڪول ايجوڪيشن جي چيف پروگرام مينيجر جنيد حميد سمون خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي ميمبر سنڌ اسيمبلي غلام قادر چانڊيو ريفارم سپورٽ يونٽ اسڪول ايجوڪيشن جي چيف پروگرام مينيجر جنيد حميد سمون ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ڇاڪاڻ ته تعليم کان بغير ترقي نا ممڪن آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن تي 5 سال کان 16 سالن تائين عمر جي اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪولن ۾ داخلا ڪرائڻ لاءِ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ تحت داخلا مهم 2022 شروع ڪئي وئي آهي انهي سلسلي ۾ والدين کي آگاهي ڏيڻ لاءِ هي آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو آهي ته جيئن اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي اسڪول ۾ واپس آڻي کين تعليم جهڙي زيور سان نوازي سگهجي هنن والدين کي اپيل ڪئي ته هو اسڪول ۾ داخل نه ٿيل پنهنجي ٻارن کي فوري طور اسڪول ۾ داخل ڪرائي تعليم ڏيارين ته جيئن هو سٺا شهري بڻجي سگهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ٻارن تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پهرين درجي کان ٻارهين درجي تائين مفت تعليم فراهم ڪئي پئي وڃي جڏهن ته نياڻين جي مالي مدد لاءِ کين وظيفي جي رقم پڻ ڏني پئي وڃي آگاهي سيمينار کي ڊي جي پائيٽ ظهير عباس چانگ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عبدالفتاح ڏاهري، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر خالد عمر آرائين، ريجنل مئنيجر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن امام بخش آريسر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو سيمينار ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جاويد احمد انڙ، قمرالنساءَ ڏامراها، تعليم کاتي جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان کان اڳ ريفارم سپورٽ يونٽ اسڪول ايجوڪيشن جي چيف پروگرام مينيجر جنيد حميد سمون ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عبدالفتاح ڏاهري جي اڳواڻي ۾ آڊيٽوريم هال کان لائبريري تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ٻاران پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جا نعرا پڻ لڳايا ويا ريلي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جاويد احمد انڙ، انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي سميت تعليم کاتي جي عملدارن ۽ اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 04

ڪري ويئي، مرحوم کي درگاهه سيد عبدالفتاح شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو، جنازي ۾ علائقي جي اهم سياسي سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

نگراني ۾ برسات متاثرن لاءِ هڪ ڏينهن مفت طبعي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ گهوٽڪي جي مشهور ڊاڪٽر نورحسن سنگهڙ مريضن کي چڪاس ڪيو ۽ مفت ۾ دوائون پڻ ڏنيون. ڪيمپ ۾ 100 کان مٿي مريضن کي چڪاس ڪيو ڪيمپ ۾ حقنواز مهر، غلام رسول مهر سميت ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 06

گرفتار ٿيل جوابدار علي گوهر، مرتضيٰ چانڊيو، ذوالفقار چانڊيو کي سينٽرجيل حيدرآباد مان دادو جي عدالت آندو ويو امر رباب چانڊيو پاران گذريل ٻڌڻي تي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي ڏوهه ۾ شامل هجڻ واري داخل ڪرايل درخواست تي ايس ايڇ او پڻ عدالت ۾ پيش ٿيو ڌرين جا وڪيل نه پهچڻ سبب عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ڪجهه دير لاءِ ملتوي ڪئي، جيڪا ٻيهر ٻڌڻي شروع ٿي پر فريادي ڌر جو وڪيل صلاح الدين پنهور عدالت نه پهچي سگهيس جنهن تي عدالت مڪ ڪيس جي ٻڌڻي 7 جنوري تائين ملتوي ڪئي جڏهن ته ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو خلاف درخواست واري ٻڌڻي 24 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي، عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو چيو ته فريادي ڌر 5 سال نند ۾ ٿي هئي هاڻي هنن کي ايس ايڇ او ياد آيو آهي، اڄ هنن جو وڪيل نه هو جنهن جي ڪري ٻڌڻي ملتوي ٿي هاءِ ڪورٽ ۾ تڪڙ هڻن هاڻي پاڻ دير جا حربا استعمال ڪري رهيا آهن اڳئي حاضري تي شاهد ڪون هئن اڄ وڪيل ڪون آئن هن چيو ته ٻي ڌوهي آهيون ۽ رهنداسين سڀني کي خبر آهي عدالتن تي اعتماد آهي تڏهن ته 5 سالن کان اڄون پيان. جڏهن ته امر رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ جيڪا تاريخ ملي آهي هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ اليڪشن وڪيلن جي آهي ان ڪري وڪيل نه پهتا اسان پر اميد آهيون ته 7 جنوري تي ڪيس هلندو ۽ عدالت هاڻي شيڊول ناهي ڏنو آهي ڪير به ڪيس کي ڊلي نه تو ڪري سگهي هن چيو ته ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي ڪيس ۾ شامل ڪرڻ واري درخواست اسان جو حق آهي ته ڪنهن وقت به ڏئي سگهون ٿا شاهدين جنهن وقت اسان بهتر سمجهنداسين ته عدالت ۾ پيش ڪنداسين اسان سردارن وٽ راجوٽي ڪرڻ لاءِ نه آيا آهيون هن چيو ته ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو خلاف درخواست تي ايس ايڇ او عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت 24 ڊسمبر تي ٻڌڻي ملتوي ڪئي آهي اسان کي اڄ به ڌمڪيون ملي رهيون آهن اسان کي عدالتن تي يقين آهي، مان پنهنجي ٽن پيارن جا لاش ڏٺا آهن اسان کي جهڪائڻ ۽ ٻڄائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اسان جهڪڻ ۽ ڊڄڻ وارا ناهيون.

بقايا سنڌيار 07

کان پرياسٽي پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي استاد طفيل احمد جوڻيجو . استاد گلزار علي ميمڻ. استاد غلام سرور دايو . امان الله ڪلهوڙو ۽ ٻي جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن شاگردياڻين ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي استادن جو چوڻ هو ته سٺي تعليم حاصل ڪرڻ هر ٻار جو حق آهي ٻار مستقبل جا معمار آهن ۽ سان جو مقصد هتان جي والدين کي آگاهي ڏيڻ آهي ته پنهنجن گلن جهڙن ٻارڙن کي سرڪاري اسڪولن ۾ موڪليو ۽ اسان کين بهتر تعليم ڏينداسين

بقايا سنڌيار 08

ضلع صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار، تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، سپاف صدر شهمير گبول، راجه رميزالحق زئور، ليڊيز ونگ ضلع صدر فردوس عزيز ميربحر، محمد موسيٰ لغاري، حاجي محسن سنڌي، حاجي مامون قريشي،

عبدالغني راهيمون، قادر ڪنير ۽ ضلعن، تعلقن، ۽ سٽيزجي عهديدارن، ليڊيز ونگ ۽ زيلي تنظيم ۽ پارٽي جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ 27 ڊسمبر شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي 15 هين ورسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو عظم ڪيو ويو ۽ ورسي جي مناسبت سان سجاول شهر کي پارٽي جي جهنڊن سان سينگارڻ جو علان ڪيو انشاالله 27 ڊسمبر تي شهيد راڻي جي مزار تي سجاول ضلع جي لکين ماڻهن جا قافلا ڳاڏين جي صورت ۾ ضلع صدر رئيس محمد علي ملڪاڻي جي قيادت ۾ ڳڙهي خدا بخش لاڙڪاڻو پهچي شهيد راڻي کي خراج عقيدت پيش ڪندا. جتي پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا عليٰ قيادت جا اڳواڻ تاريخي خطاب ڪندا. ان موقعي تي رب ڏنو جت، عبدالشڪور ميربحر، شفيع لغاري، غلام حسين لغاري، جاني جوکيو سميت پ پ جا جيالا ۽ ورڪر پڻ پارٽي آفيس ۾ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 09

لڳي ويا هڪ طرف ڀاڳين کي لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي ته ٻئي طرف چوپائي مال جي نسل ڪشي عوام کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو اعلي عملدارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي خبر موجب: وارهه گذريل برساتن ۽ بلوچستان کان آيل پاڻي سبب وارهه ۾ سؤ سيڪڙو مال جو چارو ختم ٿي ويو ٻئي طرف گهرن ۾ رکيل مال جو چارو پڻ خراب ٿي ۽ لڙهي ويو جنهن سبب ڀاڳين جي مال مرڻ جو سلسلو هن وقت تائين به جاري آهي پر انتظاميه طرفان هن وقت تائين ڪي به اپاءَ ناهن ورتا ويا جڏهن ته 80 سيڪڙو چوپايو مال هن وقت تائين بک مري چڪو آهي اگر انتظاميه ڪي اپاءُ نه ورتا ته بقايا 20 سيڪڙو مال به مري سگهي ٿو ڀاڳين طرفان محمد صالح چانڊيو نيازل چنو نادر ٻرڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ ۽ برساتن سبب اسان پنهنجو سر بچائڻ لاءِ پريشان هئاسين اسان سان انتظاميه ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪيو نه وري اسان کي ريسڪيو ڪيو ويو جنهن سبب اسان پنهنجا سر بچائي نڪتاسين هن وقت تائين اسان سان ڪو به تعاون ناهي ڪيو ويو اسان جو جڙ پايو مال 80 سيڪڙو بک ۾ مري ويو آهي اسان پاڻ فاڪ ڪشي ڪاٽي رهيا آهيون هنن چيو ته اسان لاءِ آيل سامان توڙي مال جو چارو من پسند ماڻهن کي ۽ وڪرو ڪيو پيو وڃي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته مال لاءِ آيل چارو ماڻهن لاءِ آيل سامان ٽينٽ راشن ترپال ۽ ٻيون روز مره جي استعمال جون شيون ڏئي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ اسان کي رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 10

جي شلي انگ شرڪت ڪئي آيل اديبن ۾ انور سومرو، زبير ساجن ،حسن ساگر، آزاد جوکيو ،نادر بلوچ، سجاد مهر ،حسام ميمڻ، سارنگ حسام، رياض ميراڻي، نسيم بخاري، عديل علوي ۽ قمر سومرو شامل رهيا جڏهن ته تنقيدي ڪلاس ۾ زبير ساجن نظم، ساگر حسن غزل ۽ نسيم بخاري ۽ وائي پڙهي، جنهن تي جامع انداز ۾ تعميري تنقيد به ٿي ته مثبت بحث به ٿيو. ڪڇهري ۽ جي آخر ۾ صدارتي راءِ ڏيندي نادر بلوچ چيو ته سنڌي ادبي سنگت جا نوان پراڻا سڀئي ساٿي وقت جي پابنديءَ سان ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي ادبي ڪچهريءَ کي خوبصورت بڻائن ته شڪارپور جي ادبي سازگار فضا کي وڌيڪ رونق ملي سگهي ٿي.

بقايا سنڌيار 11

آصف منور ميمڻ آفيس سيڪريٽري رحمت علي جت خزانچي اقبال احمد آرائين لائبريري انچارج عارف رضا ڏاهري انجنيئر عزيز ڏاهري چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي لاءِ منتخب ٿي ويو جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جا ميمبرن ۾ سينئر صحافي اديب عبدالقادر ڏاهري، حاجي اڪبر شر،محمد قابل ڏاهري، فاضل شيخ ڪامياب ٿي ويا پريس ڪلب شاهپور چاڪر جي چونڊيل عهديدارن کي انجمن تاجران جي صدر حاجي محمد حنيف سومرو، هيومين رائيٽس جي چيئرمين جان محمد بروهي سول سوسائٽي شاهپور چاڪر جي چيئرمين علي شير ڏاهري، انجنيئر فورم جي اڳواڻ رياض ڪوڪر،محمد صالح عباسي انجنيئر عاقف رضا ڏاهري، پ پ پ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ ميڊيئر شيلا نوشاد شيراني بلوچ، پ پ پ سٽي جي صدر عبدالقادر ڏاهري، پ پ پ سٽي جي جنرل سيڪريٽري، انجنيئر عبدالرشيد سومرو پريس ڪلب شاهپور چاڪر جي منتخب عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون آهن

بقايا سنڌيار 12

بند ڪئي وئي آهي ذريعن موجب محرابپور ۽ نوابشاه جي وچ ۾ ڊاڪ کڻي اچڻ وڃڻ لاءِ جنهن مزدا جو انتظام ڪيو ويو هو اها مزدا مالڪن طرفان بند ڪئي وئي آهي جنهن سبب ڊاڪ جو نظام درهم برهم ٿي ويو آهي هي گاڏي نوابشاه سڪرنڊ مورو دولت پور نوشهروفيروز جهانيان ڪنڊيارو نارو شاه ڪمال ديرو خانواڻ هالاڻي ڀريا سٽي ڀريا روڊ محرابپور تائين ڊاڪ پهچائڻ هئي ان ڪانسواءِ تمام شهرن مان پارسل رجسٽر ڊ ڊاڪ وي پي وصول ڪري نوابشاه تائين پهچائي پئي ذريعن موجب ڊاڪ جي آمدرفت تور استعمال ٿيندڙ گاڏي کي پاڪستان پوسٽ جي طرفان هڪ ڪروڙ رپيا واجب الهدا جيڪا رقم مالڪن کي نه ملي رهي هئي جنهن تي گاڏي مالڪن جو چوڻ آهي ته پيٽرول پمپ مالڪن پيٽرول اوڌر تي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب ڊاڪ ۾ استعمال ٿيندڙ گاڏي کي بند ڪيو ويو آهي جنهن سبب ٻين ڪمپنين ڪوريئر سروس جهڙن جون موجون لڳل آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته نوابشاه محرابپور روٽ کان علاوه محڪمه ڊاڪ خانه ۾ ٻيا ٽرانسپورٽر اهڙي صورتحال کان لاچار آهن اگر ٽرانسپورٽرن کي بروقت رقم جي ادائگي نه ڪئي وئي ته ڊاڪ خانه جي حالت مزيد خراب ٿي ويندي.

بقايا سنڌيار 13

زيشان آرائين کان نامعلوم هٿيار بندن نئون مائڪ واهه وٽ روڪي ڪائونس سي ڊي موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته به ڏينهن اڳ مڇي جي واپاري علي غلام ملاح ۽ علي حسن نامعلوم هٿيار بندن به موٽر سائيڪلون ۽ هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته خليفو قاسم جي رهورٽر احسان علي چانڊيو جي گهر مان نامعلوم چور الماڙي ٽوڙي هڪ لک ڏهه هزار روپيا ڪيش رقم چار موبائيل فون، ٻٽري ۽ ٻيو گهرو سامان چور چوري ڪري کڻي ويا. اهڙين ريورٽون ٽنڊوباگو ٿاڻي تي داخل ڪرايون ويون آهن پر ٽنڊوباگو پوليس ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي رابطو ڪرڻ تي احسان علي چانڊيو ٻڌايو ته ايس ايس پي بدين کي چوري جي شڪايت ڏيڻ باوجود ٽنڊوباگو پوليس چورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي هن آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سنڌس گهر مان ٿيل چوري واپس ڪرائي، ٽنڊوباگو ۾ چورين ۽ ڦرن جي واقعن کي روڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 14

علائقن مان رات جي وقت گهرن مان چوريون ٿيڻ سان گڏ گهرن جي اڳيان بيٺل موٽر سائيڪلن جون چوريون ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، شهري علائقي ۾ چورين جي وارداتن ۾ تيزي سان واڌ اچڻ جي ڪري علائقي ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ بدتر ٿي رهي آهي، جنهن جي ڪري شهرين ۾ خوف هراس ڇانئجي ويو آهي، شهري پاڻ کي پنهنجي گهرن اندر غير محفوظ سمجهي پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن پر پوليس چورن جي خلاف ڪو به قدم کڻي نه سگهي آهي نه وري ڪو به هڪ چور پوليس گرفتار ڪري سگهي آهي، ٽنڊو محمد خان جي مختلف سياسي سماجي مذهبي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن نورحسن ڪوڪر، نسيم ٽالپر ۽ ٻين ضلعي انتظاميه ۽ ٻين عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽنڊو محمد خان ۾ پيدا ٿيل بدامني جو نوٽيس ورتو وڃي، چورين جو وارداتون روڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 15

جاويد سمون ڪافي وقت اڳ مزدوري ڪرڻ لاءِ پورٽ قاسم ڪراچي ويو هو جتي وزن وارو سامان کڻن دوران سندس چيله ٽٽي وئي هئي. پورٽ قاسم انتظاميا سندس علاج نه ڪرايو

No.EE/HCCD/Hyd/1434

حڪومتِ پاڪستان
پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ

Hyderabad, the dated: 16-12-2022

آڇن جي دعوت

1. آڇ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، سينٽرل سول ڊويزن، پاڪ پي ڊبليو ڊي، بنگلو نمبر 21 اي، جي او آر ڪالوني، حيدرآباد پرسنٽيج ريٽ بنيادن تي اهل فرمن يا فردن جيڪي انڪم ٽيڪس، ايس آر بي (سنڌ روينيو بورڊ) سان رجسٽرڊ هجن ۽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن جي فيلڊس ۾ موثر پي اي سي ڪنسٽرڪٽرس لائسنس رکندڙ هجن کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ جيڪي آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل گهربل وقت اندر مڪمل ٿيڻا آهن جي لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائي ٿو.
2. خواهشمند آڇ ڏيندڙ تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل آڇ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ 2023_01_02 تائين هيٺ ڄاڻايل آفيس ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائڻ ۽ ناقابل واپسي فيس 2000 رپيا ناقابل واپسي فيس جي پي آرڊر جي شڪل ۾ ادائيگي تي خريد ڪري سگهجن ٿا.
3. آڇ ڏيندڙ ٻه الڳ مهربند لفافا جمع ڪرائيندا، پي پي آر اي 2004 جي رول 36(بي) جي مطابق هڪ ٽيڪنيڪل تجويز (مقرر ٿيل سيڪيورٽي سان گڏ) تي مشتمل هوندو ۽ بيو فنانشل تجويز تي، پيج نمبرز هرهڪ صفحي تي دستخط ۽ ربڙ اسٽيمپ ٿيل، ۽ هڪ ٻئي لفافي ۾ گڏ شامل هوندا. جيڪي هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ 03_01_2023 تي صبح جو 9:30 وڳي کان اڳ تائين پهچڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل تجويزون ساڳئي ڏينهن تي آڇ ڏيندڙن/نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگي ۾ ساڳئي ايڊريس تي صبح جو 10:00 وڳي کوليون وينديون.
4. پي پي آر اي رول 25 جي مطابق، هرهڪ ڪم جي سامهون ڄاڻايل مطابق، ڪنهن به شيڊيول بينڪ پاران فرم جي نالي ۽ ٽائٽل سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي حق ۾ سي ڊي آر/ پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾ بڌ سيڪيورٽي گهربل آهي.
5. جيڪڏهن آڇ جي سيني کان گهٽ قيمت غير معمولي ڏٺي وڃي ٿي ته، آڇ ڏيندر کي ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ ڪارڪردگي جو اضافي تحفظ فراهم ڪرڻو پوندو جيڪو انجنيئر جي ڪاٽي/ڪٽيل لاڳت جي حوالي سان مائنس (-) فرق جي برابر آهي، ٻي صورت ۾ بولي جي ضمانت ضبط ڪئي ويندي ۽ لاڳاپيل فارم سان گڏ ضروري ڪاروائي شروع ڪئي ويندي.

س. نمبر	اسڪيم جو نالو	انتظامي طور منظور ٿيل اڳهه	فڪسڊ بڊ سيڪيورٽي ڪاسٽ
1	نور محمد هاءِ اسڪول کان يونيورسل بوڪ ڊيپو تلڪ چاڙهي تائين وايا آفتاب سرجيڪل اسٽور الائيڊ سينيما روڊ نور محمد هاءِ اسڪول روڊ کان مارڪيٽ پوليس اسٽيشن ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	3,52,50,000 رپيا	10,00,000
2	ڦليلي بينڪ کان باغ مصطفيٰ وايا پريٽ اباد هاسپيٽل اينڊ الائيڊ روڊس حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	4.78.20.000 رپيا	14,00,000
3	رحمان ٽائون کان دل ٻاڙا وايا رابعه گارڊن پريٽ اباد ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	3,61,20,000	10,50,000
4	الله والا چوڪ هيرآباد کان ميرا گرلز هاءِ اسڪول ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي تعمير	2,98,00,000	8,50,000
5	لمس حادثاتي ڊپارٽمينٽ حيدرآباد کان سلاوٽ پاڙو چوڪ وايا لمس او پي ڊي، لائبريري چوڪ. لمس حيدرآباد مين روڊ لبرٽي چوڪ کان بيگات اسڪول روڊ ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد جي ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	4,85,00,000	14,50,000

6. کولڻ جي ڏينهن تي ڪوبه آڇ دستاويز جاري نه ڪيو ويندو مجاز اٿارٽي پي پي آر اي 20004 جي رول 33 جي مطابق آڇ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت سمورين آڇن سمورين تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. هرهڪ اسڪيم جو اسڪوپ www.ppra.org.pk ۽ www.pakpwd.gov.pk تان پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.
7. هڪ دفعو مليل ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/سي ڊي آرز سرڪاري اڪائونٽ ۾ ڪريڊٽ ڪيو ويندو ۽ سرڪاري چيڪ ذريعي واپس ٿيندو.
8. ٻيا شرط ۽ ضابطا آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل آهن جيڪي پڻ لاڳو ٿيندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
سينٽرل سول ڊويزن
پاڪستان پي ڊبليو ڊي، حيدرآباد
فون: 022-9200660

PID (H)# 140/2022